مهراڻ جو مور

(امام العصر حضرت مولانا سائين عبد الڪريم قريشي رحہ جن جي لائق ۽ فائق شاگرد. استاذ العلما شيخ الحديث حضرت مولانا منظور احمد سومرو دامت برڪاتهم العاليہ جن جي سوانح حيات ۽ خدمات)

پسند ڪندڙ
استاذ العلماءُ مولانا مفتي حبيب الله مدني
شيخ الحديث جامعہ عربيہ مفتاح العلوم حيدرآباد

مرتب
چوهاڻ سليم الله سنڌي

باني پيلي
مفتي خالد محمود جوڻو

مجلس علماءَ سنڌ. حيدرآباد سنڌ
03043015260



مهراڻ جو مور
مرتب چوهاڻ سليم الله سنڌي
باني پيلي مفتي خالد محمود جوڻو

علمي ڏاهپ جو سرواڻ

سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب علمي حوالن سان سرشار رهي آهي.
قرآن مجيد جو پهريون ترجمو (فارسي ۾) حضرت مخدوم نوح هالائي رحمت الله عليہ ڪيو. قرآن مجيد جو منظوم سنڌي ترجمو الحاج احمد ملاح رحمت الله عليه ڪيو. ان ريت قرآن مجيد جو سليس سنڌي ترجمو حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمت الله عليہ ڪيو.
۽ قرآن مجيد جو في البديہ ترجمو حضرت سائين عبدالڪريم قريشي رحمت الله عليہ ڪيو. ان ڪانسواءِ علم حديث فلسفو يا ٻين علمن جا ڪيئي حوالا سنڌ سهيڙيا آهن.
مهراڻ جي موج جيان اڄ بہ علمي درياهہ ساوڻ مُند جهڙو وهڪرو رکي ٿو. ڪيئي نالا لکي سگهجن ٿا.
انهن منجه منقولات، معقولات، جو شير دريا حضرت محترم مولانا منظور احمد صاحب سومرو مدظلہ العالي تدريس، تقرير ۽ فتوي جي حوالي سان هڪ علمي مثال آهي. ٻير جي گنج منجهان نہ رڳو اکر پرايا، پر دل جي هر ڌڙڪڻ ۾ "الاالله" جي ترتيب بہ سکي.
1978 کان دادو ۾ سندس گذريل دور ساکي آهي. تہ سندس سيني ۾ هڪ مڪمل لائبرري سمايل آهي. فتوي جي هر شق انگي حساب وانگر کين ياد رهي ٿي. ڪيئي سڪٽا سينا وٽس نور ماٽي، پنهنجا پنهنجا ماڳ مهڪايا، ان سان گڏ زندگي جو سهڻي سليقي ۽ اسلامي سياست جي خوشبودار عمل جي ڪري کين ڪافي مقبوليت حاصل آهي.
دادو جا ڪُل عالم سندس قيادت کي پاڻ لاءِ سياسي سرمايو سمجهن ٿا.
سندس سوانح بابت نوجوان اديب محترم سليم الله خان جو ترتيب ڏنل هي ڪتاب "مهراڻ جو مور" علمي دنيا جي طرفان مولانا موصوف جي اعلي صلاحيتن بابت هڪ اعتراف آهي.

جوهر بروهي
13 مئي 2025ع

مهراڻ جو مور

(امام العصرحضرت مولانا سائين عبد الڪريم قريشي رحمة الله عليه
جن جي لائق ۽ فائق شاگرد، استاذالعلماء شيخ الحديث حضرت
مولانا منظور احمد سومرو دامت برڪاتهم العاليہ جن جي
سوانح حيات ۽ خدمات)

مرتب
چوهاڻ سليم الله سنڌي

بانهن ٻيلي
مفتي خالد محمود جوڻو

مجلس علماء سنڌ
حيدرآباد سنڌ
03043015260

ڪتاب جو نالو: مهراڻ جو مور
مرتب: چوهاڻ سليم الله سنڌي
صفحا: 96
قيمت: 300
ڇپائڻ جو سال: محرم 1447هه- جولائي 2025ع
ڇپائيندڙ: مجلس علماءِ سنڌ حيدرآباد

ملڻ جا هنڌ:

مولانا جوهر بروهي الڪريم پبليڪشن فريد آباد، ميهڙ. حاجي عبد المالڪ ٽالپر مدرسه دار التوحيد ٽالپور ڳوٺ ٽنڊو ڄام، مفتي خالد محمود جوڻو ايڊيٽر رهبر شريعت حيدرآباد سنڌ، دفتر مجلس علماء سنڌ حيدرآباد، فقير عبد الرحمٰن مگسي، مدرسه محمديه عربيه ڳوٺ سچيڏنو ورياه، مولانا محمد انور ڪوهارو مدرسه انوار مدينه حسنين سٽي خيرپور ناٿن شاهه، حافظ حاجن خان لغاري، جامعه اسلاميه انوار صحابه رضي الله عنه گوزو شهر، مولانا فتح محمد مهيري جامعه دار الفرقان قاسميه گولاڙچي شهر، مولانا حافظ عزير گل جاگيراڻي جامعه اسلاميه دار العلوم القرآن والحديث نورنگ شريف قمبر، مولانا مفتي شفيع محمد اڄڻ دار العلوم اويسيه مبارڪ ڪالوني سائيٽ سکر، مولانا رحيم بخش انڊڙ ڳوٺ الله بخش مير جت ضلع مٽياري، مولانا جميل حسين ابوپوٽو پڊ عيدن 03062860505 قاري حبيب الله لاشاري جامعه فاروقيه نئون پنڊ سکر، مولانا ذوهيب احمد پنهور جامعه محمديه فيض القرآن والحديث ميرو خان. قاري امير عمر چانديو مدرسه عربيه قاسم العلوم محمدي ٽائون ڄام شورو.

فهرست

انتساب

آئون پنهنجي هن ڪتاب جو انتساب سنڌ جي ٻن عظيم شخصيتن جي نالي ڪرڻ گهران ٿو:

(1) ڏاهي ۽ عظيم شخصيت مانجهي مڙس محترم جناب سائين پروفيسر حماد الله پتو صاحب جن جي نالي ڪريان ٿو. جنهن مختلف علائقن ۾ غريب مارو‍ئڙن جي هر ميدان ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. جهڙوڪ تعليم، تصنيف، مدرسن جي خدمت، ٿرپارڪر تائين ننڍا ننڍا مدرسا، نياڻين جا مدرسا، قرآن پاڪ جي تقسيم، هينڊ پمپ لڳائي غريب مارو‍ئڙن کي پاڻيءَ جهڙي نعمت مهيا ڪرڻ، ڪافي برادرين جا مسئلا حل ڪري ۽ انهن جي وچ ۾ ويڇا ختم ڪري انهن جا فيصلا ڪري پاڻ کير کنڊ ڪرڻ ۾ سندن اهم ڪردار هميشه رهيو آهي.

(2) قاري محمد امين ٻبر جيڪو پنهنجي اعلي اخلاق ۽ خوبين جي ڪري وڏو مقام ماڻي چڪو آهي. پاڻ هڪ ڪامياب بلڊر هجڻ جي باوجود نماز روزي جو پابند با شروع نيڪ سيرت جو مالڪ پڻ آهي. هتي پنهنجي مهربان سائين لطف الله ڦلپوٽو صاحب سرپرست الفضل اڪيڊمي وسريو واهڻ خيرپور ۽ دوست ۽ ڀاءُ محترم جناب حافظ حسين احمد مينگل کي به وساري نٿو سگهان. جن جا مفيد رايا مشورا منهنجي لاءِ هميشه آڌت جو ڪارڻ بڻجندا رهندا آهن.

فقط والسلام
ابو محمد سليم الله بن
صوفي خدا بخش چوهاڻ

تقريظ

محقق العصر حضرت مولانا مفتي ڊاڪٽر عبد القيوم سنڌي
اڳوڻو پروفيسر ام القرئ يونيورسٽي مڪه مڪرمه

سنڌ سڳوري اهڙو زرخيز پرڳڻو آهي جيڪو منجهس اسلام جي نور ڦيلجڻ کان پوءِ لاڳيتو علماء فقهاء قراء مفتيان عظام ۽ اديبن و دانشورن جو سدائين مرڪز رهيو آهي، هت ڪنهن به دور ۾ ڪنهن به ميدان ۾ سپوتن جي ڪا ڪمي نه رهي آهي.

عربي ٻوليءَ ۾ جوڙيل مختلف تاريخي ڪتاب اسان جي سنڌي بزرگن جي سوانح حيات سان ڀريا پيا آهن، سنڌي عالمن ته انهن بزرگن جي سوانح حيات لکڻ ۾ پاڻ پسايو آهي پر پاڙيسري ملڪ هندوستان جي عالمن به انهن بزرگن جي سوانح حيات سان پنهنجي ڪتابن کي پئي سينگاريو آهي، گذريل صدي جي لکيل ڪتابن مان علامه عبد الحي لکنوي جو (نزهة الخواطر ۽ علامه اطهر مبارڪپوري جو (رجال السند و الهند) کڻي ڏسو ته توهان کي هزارين سنڌي سپوتن جو تذڪرو ملندو.

ساڳي ميدان ۾ اسان جي سنڌ سڳوري ۾ به ننڍي جي مشهور مؤرخ علي شير قانع، اسان جي استاد حضرت علامه غلام مصطفي قاسمي ۽ شڪارپور واسي علامه دين محمد وفائي (رحمة الله عليهم) جهڙن بزرگن پاڻ ملهايو آهي.

هن دور جي نوجوانن ۾ انهيءَ بخت وري لکيءَ واسي اسان جي محترم جناب مولوي سليم الله چوهاڻ سنڌي صاحب جي جهولي وسائي آهي، جنهن عام سنڌي عالمن ۽ دانشورن جي سوانح حيات ٻن جلدن ۾ (سنڌ جا سپوت) کان علاوه ڏهاڪو عالمن جون الڳ الڳ سوانح حياتيون جوڙي پاڻ ملهايو آهي.

انهيءَ ڏس ۾ اسان جي شيخ طريقت ۽ استاد حديث حضرت

علامه مولانا عبد الڪريم قريشي نور الله مرقده جن جي هڪ گوشه نشيني ۾ زندگي گذاريندڙ شاگرد رشيد ڪنديارو واسي حضرت مولانا منظور احمد سومرو دام ظله جن جي سوانح حيات تي هي رسالو جوڙي ڪين گوشه نشيني مان ڪڍي عالم آشڪار ڪيو آهي.

ان حيثيت سان مولوي سليم الله چوهاڻ هڪ مخلص ليکڪ ۽ بي لوث تاريخدان سڏبو، جنهن سنڌواسين جي بنا تفريق خدمت ڪئي آهي.

هڪ طرف نج سنڌين جي تاريخ کي جياريو اٿس ته ٻئي طرف مهاجر سنڌين جي تاريخ به نه وساري اٿئين.

جيتوڻيڪ سنڌ ۾ وسندڙ ڄمندڙ مهاجر علماء سڳورا پاڻ کي سنڌي نه ٿا ڀانئين بلڪ ايتو سنڌين کي متعصب سڏڻ ۾ ڪو عار به نه ٿا محسوس ڪن پر تنهن هوندي به مولوي سليم الله صاحب سنڌ ۾ چرندڙ پرندڙ هر طبقي جي عالمن جي خدمت ڪري سندن سوانح حياتيون لکي، سندن اردو مضمونن ۽ رسالن کي سنڌي ترجمن جو پهراڻ پارائي زيور طبع سان آراسته ڪري منظر عام تي آندو آهي، ان ڏس ۾ هو جس لهڻو جو اسلامي اقدار کي مد نظر رکندي تعصب جي عينڪ پائي ڏسندڙن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا اٿئين.

الله تعالیٰ سندس محنت کي قبول فرمائي هر عام ۽ خاص لاء ڪارائتو بنائي.

وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين.

ابو طاهر عبد القيوم السنڌي
مڪه مڪرمه
١٧ محرم الحرام ١٤٤٧ ھ
١٢ جولاء ٢٠٢٥ ع

پيش لفظ

سنڌ جي سرزمين هميشہ اهڙن علمي، روحاني ۽ فڪري رهنمائن کي جنم ڏنو آهي، جن پنهنجي دور ۾ نہ صرف دين جي خدمت ڪئي، پر سماج ۾ سجاڳي ۽ بيداري جو پيغام بہ عام ڪيو. اهڙن ئي باهمت، بيباڪ نڊر ۽ علمي بصيرت سان ڀرپور شخصيتن مان هڪ معزز نالو استاذ العلماء حضرت مولانا منظور احمد سومرو صاحب جو آهي، جن پنهنجي علم، تدبر، جرئت ۽ خلوص سان سنڌ جي مذهبي، تعليمي ۽ سياسي منظرنامي کي گهڻو متاثر ڪيو.

مولانا منظور احمد سومري صاحب جن جو شمار امام العصر حضرت مولانا سائين عبد الڪريم قريشي ﷫ بير شريف وارن جي نامياري، لائق ۽ فائق شاگردن ۾ ٿئي ٿو، جن ديني تعليم کي فقط درسي حد تائين محدود نہ رکيو، پر ان کي عمل جي ميدان ۾ آڻي، حق ۽ سچ جي پرچار لاءِ هر سطح تي آواز بلند ڪيو. پاڻ روايتي درس و تدريس سان گڏ سماجي بهبود، سياسي شعور جي واڌاري ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ بہ هميشہ سرگرم رهيا.

سندن شخصيت گهڻ رخي آهي، هڪ عالم، هڪ مبلغ، هڪ مفڪر، هڪ تنظيم ساز ۽ هڪ سياسي اڳواڻ جي آهي. سندن تقريرن ۾ ڏاهپ ۽ درد، تحريرن ۾ سچائي ۽ اثر، ۽ عملن ۾ اخلاص ۽ بهادري نمايان طور تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. خاص طور تي نوجوانن ۾ ديني شعور پيدا ڪرڻ، مدرسن جي واڌاري، ۽ ملت جي اتحاد لاءِ سندن ڪوششون سدائين يادگار رهنديون.

زيرنظر ڪتاب "مهراڻ جو مور"، حضرت مولانا منظور احمد صاحب جي انهن ئي گوناگون خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جي هڪ عاجزانہ ڪوشش آهي. هن ڪتاب ۾ مختلف

فڪرمندن، عالمن، سياسي رهنمائن ۽ قلمڪارن پنهنجا ويچار ونڊي، حضرت مولانا منظور احمد سومري صاحب جن جي شخصيت جا مختلف پهلو اجاگر ڪيا آهن. اميد تہ هي ڪتاب پڙهندڙن لاءِ نہ صرف علم جو خزانو، پر فڪر ۽ عمل جي راهہ پڻ روشن ڪندو.

الله پاڪ کان دعا آهي تہ هي ڪتاب مولانا صاحب جي خدمتن جي سڃاڻپ بڻجي ۽ پڙهندڙن کي علم، بصيرت ۽ جذبي سان ڀرپور آگاهي مهيا ڪري.

انهن سڀني دوستن ۽ سڄڻن جو ٿورائتو آهيان، جن منهنجي هن ڪتاب لکڻ ۾ بهترين مشورا ڏنا. خاص ڪري ڀلي ڀار تان منهنجو سائين محقق العصر مولانا قاري مفتي ڊاڪٽر عبدالقيوم سنڌي جن پنهنجي بهترين مشورن سان گڏ جاندار ۽ تفصيلي تقريظ لکي ڏنائون. ان کان سواءِ محترم جناب مفتي خالد محمود جوڻو، مولانا شعيب الرحمٰن کهڙو، مولانا جميل حسين ابوپوٽو، مولانا غلام مصطفيٰ ڦل ڪرڙاهہ، قاري حبيب الله لاشاري سکر، مولانا قاري خالد محمود سومرو امام ۽ خطيب مدينہ مسجد قاسم آباد جن بہ هر معاملي ۾ ساٿ نڀاهيو. الله تعاليٰ سڀني کي پنهنجي شايان شان اجر عطا فرمائي. آمين ثم آمين.

فقط والسلام

ابو محمد چوهاڻ سليم الله سنڌي

صدر مجلس علماءِ سنڌ

5 جنوري 2025ع

نزيل عمر ڪوٽ

باب پهريون

تعارف ۽ شخصيت

مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

مولانا منظور احمد سومرو

(زير نظر مضمون اصل ۾ منهنجي ڪتاب سنڌ جا سپوت جلد پهريون ۾ آيل آهي، ان ڪي هتي هوبهو پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو. سليم)

امام العصر حضرت سائين ٻير شريف وارن جا فيض يافته، ڪهنه مشق استاد، علوم عقليه ۽ نقليه جو ماهر ۽ ماهر نبض شناس فقهه ۽ فتويٰ ۾ مڪمل دسترس رکندڙ استاذالعلماء هزارين عالمن جو استاد بلڪ پاڻ هن وقت ڏاڏا استاد جي حيثيت بڻجي چڪا آهن. هتي سندن تعارف پيش ڪجي ٿو.

نالو ۽ نسب

حضرت مولانا منظور احمد بن حاجي عبدالهادي ذات سومرو ڪنديارو شهر ۾ 1944ء ڌاري پيدا ٿيا.

تعليم ۽ تربيت

ابتدائي تعليم قرآن پاڪ ۽ حفظ قاري غلام علي جن وٽ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ 1960ء ڌاران ٻير شريف ۾ امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي جن جي خدمت ۾ تعليم حاصل ڪيائون. ياد رهي ته حضرت سائين ٻير شريف وارا درس نظاميءَ جو ڪورس تمام گهٽو ڏکو هيو، جيڪو ٻارهن سالن ۾ پورو ٿيندو هيو، پر حضرت سائين ٻير شريف وارا فرمائيندا هئا ته اهڙو ڪو ذهين ۽ هوشيار شاگرد هجي ته مان ان ڪي ٻارهن سالن جو ڏکو ڪورس ستن سالن ۾ پڙهايان، حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو دامت برڪاتهم نهايت ئي هوشيار ۽ ذهين هئا، جو حضرت سائين ٻير شريف وارن جو ٻارهن سالن وارو ڪورس ستن سالن ۾ پڙهي پورو ڪري 1967ء ڌاران باضابطه عالم دين بڻجي ويا. سندن ساٿين ۾ حضرت مولانا عطاء الله مگريو

قمبر وارا، حضرت مولانا نثار احمد پتافي ۽ حضرت مولانا عبدالقادر بروهي شامل آهن.

مولانا صاحب بحيثيت استاد

سائين جن درس نظامي جي تڪميل ڪرڻ ڪان پوءِ مختلف ديني مدرسن ۾ تعليم ڏئي چڪا آهن، جهڙوڪ: مدرسه عربيه اشرفيه شڪارپور ۾ هڪ سال پڙهايائون، ان ڪان پوءِ پليجاڻي ڳوٺ مريد سهاڳ ۾ هڪ سال پڙهايائون، ان ڪان پوءِ ڊگڙي وارا حضرت مولانا سائين غلام مصطفيٰ قاسمي جن وٽ آيا چيائون ته اهو استاد اسان کي ڏيو، پنهنجي مربي ۽ محسن امام العصر حضرت سائين پير شريف وارن جي مشوري ۽ حڪم سان ڊگڙي ويا، جتي اٺ سال لڳاتار پڙهايائون. ڊگڙي ڪان پوءِ ڪين خيال ٿيو ته ڳوٺ ۾ منهنجي زمين آهي، ان کي سنڀاليان، پاڻ انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي ڳوٺ ڪنديارو آيا، حضرت سائين جن پيرشريف وارن کي خبر پئي ته سندن هونهار شاگرد پڙهائڻ کي ڇڏي ڳوٺ رهن ٿا. ان دوران دادو وارن کي به هڪ استاد جي ضرورت هئي ته حضرت سائين پير شريف دادو وارن کي مولانا منظور احمد سومرو ڏنو، دادو جي قديمي مدرسي دارالفيوض المحمديه ۾ حضرت سائين پير شريف وارن جي حڪم سان بطور استاد مقرر ٿيا، پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ 30 سالن ڪان لڳ ڀڳ تعليم ڏئي رهيا آهن، جتي پاڻ صدر مدرس، شيخ الحديث جي منصب تي فائز آهن، اتي پاڻ سڀني درس نظامي جي فنون جا ڪتاب پڙهيائون، شاگردن جو تعداد شمار کي متي آهي. هتي ڪجهه مشهور ۽ اهم شاگردن جو ذڪر ڪجي ٿو.

مولانا قمرالدين بروهي بلوچستان، مولانا عبدالباقي ملاح ڪوٽڙي، مولانا عبدالله سولنگي، مولانا طالب حسين ڏيپارجا، مورو. مولانا عنايت الله بروهي خيرپور ناٿن شاهه مولانا محمد انور ڪوهارو، مولانا غلام الله چانديو، گرڪڻ ميهڙ. مولانا عبدالستار چانديو، گرڪڻ ميهڙ. مولانا بحر الله چانديو.

سياسي لحاظ کان سندن تعلق جمعيت علماء اسلام سان آهي، پاڻ جڏهن ڏگڙي ۾ هوندا هئا ته تڏهن ضلع ٿرپارڪر جا جنرل سيڪريٽري هئا، دادو ۾ گذريل 30 سالن کان بنا مقابلي جي امير ٿيندا پيا اچن. پاڻ مضبوط عالم دين هئڻ سان گڏوگڏ سٺا مفتي پڻ آهن، سندن جاري ڪيل فتوائن جو تعداد تمام گهڻو آهي، ان سان گڏوگڏ بهترين مصنف ۽ ليکڪ پڻ آهن، سندن هڪ ڪتاب اردو ۾ ”دعا اور درود“ تصنيف ٿيل آهي، درس نظامي جي مختلف ڪتابن تي علمي حواشي به لکيا اٿئون، جيڪي پنهنجي جڳهه تي هڪ شرح جي حيثيت رکن ٿا. مختلف ديني رسالن ۾ مضمون نويسي پڻ ڪري چڪا آهن. جهڙوڪ: ماهوار شريعت سکر، ماهوار القاسم ڪوٽڙي، (هن احقر کي هي به اعزاز حاصل آهي ته پاڻ منهنجي رسالي القاسم لاءِ مضمون لکيائون) ماهوار بيداري حيدرآباد، ترجمان اسلام ۾ سندن مضمون شايع ٿيل آهن، شايع ٿيل مضمون خالص علمي، تحقيقي ۽ فقهي مسائل تي مشتمل آهن، انهن کي گڏ ڪجي ته هڪ سنو ڪتاب نهي سگهجي ٿو. ان کان سواءِ مختلف عالمن جي ڪتابن تي تقريظون پڻ لکيون آهن، انهن جو تعداد به چڱو پلو آهي، پاڻ منهنجي هڪ ڪتاب خلاصة القرآن تي نهايت جاندار ۽ مانائتي تقريظ لکي منهنجي همت ۽ حوصله افزائي فرمايائون.

پاڻ هڪ شادي ڪيائون، جيڪا حضرت مولانا علي محمد حقاني جي واسطي سان ٿي. اولاد ۾ ٽي پٽ وحيد احمد، مصطفيٰ احمد، مجتبيٰ احمد ۽ هڪ نياڻي.

(سنڌ جا سپوت جلد پهريون باب ٻيو صفحو 57، 58، 59. ليکڪ مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي، ناشر: مدرسه عربيه دارالتعليم حماديه، راڄوڳوٺ ضلع شڪارپور)

باب ٻيو

مولانا منظور احمد سومرو صاحب جن جون قلمي خدمتون

سهيڙيندڙ: مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي

تحريرن جي ترجماني

(شيخ الحديث حضرت مولانا مفتي منظور احمد سومري صاحب جن جون مختلف ڪتابن تي لکيل تقريظون، مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندڙ مضمون ۽ مقالا)

تقريظ

انسانيت جي تعمير ۽ تشڪيل، امت جي وحدت، رهبري ۽ رهنمائيءَ لاءِ انبياءِ ڪرام ڪان بعد، خدا جي مخلوق جي هدايت، تعليم ۽ تربيت، اعمال ۽ اخلاق جي اصلاح، تزڪيہ باطن، ڀلائي ۽ خير خواهيءَ جي ڀرپور محنت علماءِ امت، صلحاءِ ملت اولياء الله ۽ مشائخ عظام ڪندا رهيا آهن. انهن جون صحبتون ۽ مجلسون، وعظ ۽ نصيحتون ۽ نوراني نظرون، ڪٽيل ۽ ڀٽڪيل دلين لاءِ نسخہ اڪسير ثابت ٿيون آهن. انهن جي فيض ۽ برڪت ڪان نہ رڳو حياتيءَ ۾، پر وفات بعد بہ انهن جي احوال ۽ سوانح، افاضات ۽ ارشادات ڪان مخلوق مستفيد ٿيندي رهي آهي. اهڙين هستين مان امام العصر، قطب الاقطاب مرشد الموحدين حضرت مولانا عبد الڪريم قريشي ٻير شريف وارا، زهد و تقويٰ، علم و عمل، درس و تدريس، تبليغ و تحرير، مواعظ و نصيحت، دعوت و ارشاد، تربيت و رياضت ۽ اصلاحِ ملت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ڪيترائي آزاد خيال، مغربي تهذيب ۾ ڦاٿل ۽ هدايت ڪان ڀٽڪيل انسان، سندن ڪيميا اثر صحبت جي فيض سان نيڪ ۽ صالح ٿي پيا. سوين نوجوان شرعي علم حاصل ڪري مدرس، محدث، مفسر، مفتي، عالم، فقيہ، مبلغ ۽ مجاهد بڻجي ويا. حضرت ٻير وارا اسوه حسنہ جا نهايت حسين پيڪر هئا، جنهن جو وجود تہ خاڪي هو، مگر ملڪوتي صفات هو.

حضرت سائين جن جي گفتگو ۾ رشد و هدايت جي چاشني،

اخلاص و محبت جو ميناج هو. علم جو درياهہ ڇوليون هڻندو هو. اهو ئي سبب هو جو حضرت سائين جن جي مجلسن ۾ علماء،مشائخ، طلباء، اهلِ عقيدت ۽ اهلِ طلب هميشہ اشتياق سان پنهنجي پياس اجهائيندا هئا. اهڙين مجلسن ۾ قرآن و حديث جي تشريح، سلوڪ ۽ تصوف جا نڪتا، علمي مسائل جي تحقيقات، سلف صالحين ۽ بزرگن جا حالات و واقعات ارشاد روحاني لطائف تي مشتمل هوندي هئي.

حضرت سائين جن جي روح فرسا وفات بعد علماء، طلباء ۽ اهل عقيدت جماعت تمام ضروري سمجهيو تہ حضرت سائين جن جي حالات و واقعات، اقوال و ملفوظات ڪي گڏ ڪرڻ گهرجي. جماعت جي مشوره سان، محترم مولانا محمد قاسم سومرو (جيڪو ڪافي ڪتابن جو مصنف بہ آهي)، حضرت سائين جن جي سوانح ۽ افادات ڪي جمع ڪري هي ڪتاب مرتب ڪيو آهي. اسان جي صالح ۽ لائق ڀاءُ جي هيءُ محنت محنت مربي مرشد ۽ استاد سان محبت ۽ عقيدت جو اظهار بہ آهي، تہ وري پوري جماعت تي خصوصي ۽ سيني ديندارن مسلمانن تي عمومي احسان پڻ آهي.

مون هن ڪتاب ڪي تفصيل سان ڏٺو آهي. جهڙيءَ طرح حضرت سائين جن جي شخصيت همہ گير ۽ جامع صفات هئي، تہ هي ڪتاب بہ حضرت جن جي حالات و واقعات تي جامع آهي. حسب و نسب، تعليم و تعلم، سلوڪ و نسبت، تبليغ و ارشاد، قيد و بند، تحريڪ ختم نبوت، تحريڪ بحالي جمهوريت، اليڪشن و سياست، تقرير و تحرير جو تفصيلي احوال موجود آهي. حضرت سائين جن جي سوانح سان گڏ جڻ تہ سندن دؤر جي مڪمل تاريخ آهي. واقعات جي تفتيش ۽ معلومات تحسين جي قابل آهي. احوال ۽ اقوال جي مستند هجڻ تي ڪافي تحقيق ڪئي وئي آهي. روايت سان گڏ دِرايت جو بہ لحاظ رکيو ويو آهي. ان سموري مواد جي حصول ۾ وڏي جاکوڙ ۽ محنت ڪئي وئي آهي. پُراڻن رسالن جي پڙهڻ ۽ سَوين ڪيسٽن ڪي ٻُڌڻ ۽ جماعتي دوستن سان ملاقاتون ڪرڻ ۽ انهن مان مواد جو

انتخاب ڪري گڏ ڪرڻ، ڏاڍو ڏکيو ڪم هو، پر مولانا محمد قاسم صاحب شب و روز محنتت ڪري، حضرت سائين جن جي جماعت لاءِ هي تحفو تيار ڪيو آهي.

پر حقيقت هي آهي ته سهڻن لفظن جي ڪثرت، فصاحت ۽ بلاغت ڪيتري به هجي، ذاتي واقفيت ۽ عيني مشاهده جي برابر نه ٿي ٿي سگهي. الفاظ جو دامن ڏاڍو سوڙهو ۽ تنگ آهي، جنهن سان مڪمل حقيقت جي نقاب ڪسائي نا ممڪن آهي. ڪيفيات و جذبات، ديني غيرت، مروّت و احسان، اخلاق حسن، دل آويز گفتگو، اهي سڀ اهڙيون شيون آهن، جن جي حقيقي تصوير ڪشي محال آهي.

گر مصور صورت آں دلستاں خواهد کشید

حیرتے دارم کہ نازش راچسان خواهد کشید

پر جيئن ته اهل الله، مشائخ و علماء جي ملفوظات و مجالس ڪي محفوظ ڪري شائع ڪرڻ جو سلسلو، اسلامي تاريخ ۾ شروعات ڪان ۽ بر صغير هند و پاڪ ۾ پُراڻي زماني ڪان رائج آهي، ضروري هيو ته نادرِ روزگار، صاحب تقويٰ و طهارت. رهبرِ شريعت و طريقت، عالمِ حقيقت و معرفت، شيخ المشائخ، استاذ العلماء، مرشد الموحدين حضرت سائين ٻير شريف وارن جي ارشادات و افادات ڪي به دوستن، جماعت ۽ عام ديندار مسلمانن تائين پهچائجي. مولانا محمد قاسم صاحب جن، هن محنت تي ڪيرون لَهڻيون. اسان سڀ سندس ٿورائتا آهيون.

27 ذوالحج 1423 ھ

منظور احمد سومرو

مدرسہ عربيہ دار الفيوض المحمديہ، دادو

(سوانح حيات استاذ العلماء قدوة السالڪين، مرشد الموحدين، امام العصر حضرت مولانا عبد الڪريم قريشي صاحب قدس سره العزيز المعروف به حضرت سائين ٻير وارا ﷫ احوال- افڪار- اقوال.

ليکڪ مولانا محمد قاسم سومرو، ڇپائيندڙ روشني پبليڪشن
ڪنڊيارو صفحو 15، 16)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

مهاڳ

الله تبارڪ وتعاليٰ انسان ذات لاءِ هدايت جو آخري ڪتاب قرآن مجيد پنهنجي آخري پيغمبر محمد مصطفيٰﷺ جن تي نازل فرمايو. ان کان بعد نہ ڪو رسول اچڻو هو نہ وري ڪو ڪتاب. ان ڪري قرآن ۾ انسان ذات لاءِ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي جي مڪمل رهبري ڪئي وئي. عبادات، معاشرت، معيشت، اخلاقيات ۽ معاملات وغيره ڪي تذڪير، ترغيب ۽ ترهيب جي نموني سان پوري فصاحت ۽ بلاغت سان بيان ڪيو ويو آهي. هن جي عبادت جو حسن ۽ اعجاز معاني جا موتي ۽ گوهر ان ڪمال جا آهن جو مسلمان علماءَ تہ ٺهيو غير مسلم عقلاءِ بہ ڪليل لفظن ۾ ان ڪي بهترين رهبري ڪندڙ تسليم ڪيو آهي. بيشڪ قرآن مجيد پنهنجي حق ۽ سچ هجڻ تي پنهنجو پاڻ ئي دليل ۽ برهان آهي:

حضور ڪريمﷺ جن سڄي زندگي ان قرآن مجيد جي سمجهڻ ۽ سيکارڻ ۾ گذاري جو اهوئي منصب نبوت هو. يَتْلُو عَلَيْهِمْ آيَاتِهِ وَيُزَكِّيهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ امت کي بہ اهوئي حڪم ڏنو ويو. ولقد يسرناالقرآن للذڪر فهل من مدڪر. أَفَلَا يَتَدَبَّرُونَ الْقُرْآنَ أَمْ عَلَىٰ قُلُوبٍ أَقْفَالُهَا خود حضور ڪريمﷺ جن پنهنجي آخري خطبي حجة الوداع ۾ امت کي حڪم ڪيو تہ ”بلغوا عني ولو آية.“

علماءِ امت، جن لاءِ حضور ڪريمﷺ فرمايو تہ علماءِ امتي ڪانبياءِ بني اسرائيل. حضور ڪريمﷺ جي هن حڪم تي لبيڪ چئي امت کي قرآن سمجهائڻ لاءِ ڀرپور محنت ڪئي. قرآن مجيد جي فصاحت ۽ بلاغت ۾ ان جي معاني جي گهرائي ۽ اونهائي ۾، ان جي باريڪ نُڪات ۽ حڪمت ۾، فقهي مسائل ۽ معارف ۾

هزارين صفحن ۾ طويل ۽ مختصر تفسير. ترجما ۽ حواشي لکيا. علماءِ دين جي انهن محنتن ۽ ڪوششن ۾ قرآن مجيد جي مطالب جو ”خلاصة“ به اهم موضوع رهيو آهي.

قرآن مجيد جي مطالب جي خلاصي لاءِ اونهي نظر ۽ مضامين جي اهميت جو علم ۽ احساس ضروري هوندو آهي. هر شخص جو اهو ڪم نه آهي، ريڊيو ۽ ٽي وي تي ڪيترا نام نهاد عالم، جن ڪنهن ديني مدرسه يا ڪنهن جيد عالم کان تفسير نه سکيو آهي، نه پڙهيو آهي خلاصهءِ قرآن جي جي نالي تي بي احتياطي ڪري رهيا آهن.

جڏهن ته علماءِ حق ان سلسلي ۾ به فهم قرآن جي ڪافي ڪوشش ڪئي آهي. مڪمل قرآن جو خلاصو، سورتن جو خلاصو ۽ علوم القرآن تي مستند ۽ اهم ڪتاب لکيا آهن.

ڪجهه سال اڳ راولپنڊيءَ ۾ حضرت مولانا غلام الله خان صاحب جي مسجد ۾ ڪجهه ڏينهن تراويح پڙهڻ جي سعادت حاصل ٿي هئي. اتي مون ڏٺو ته حافظ صاحب جي چئن رڪعتن پڙهڻ بعد حضرت مولانا غلام الله خان صاحب باقاعده منبر تي ويهي ان چئن رڪعتن ۾ پڙهيل جو خلاصو بيان ٿي ڪيو. اهو خلاصو ايترو مقبول هو جو هڪ وڏي جماعت ان تراويحين ۾ شريڪ ٿيندي هئي توڙي جون اهي تراويحون رات جو هڪ ٻين بجي تائين هلنديون هيون. مون کي اهو طريقو ڏاڍو پسند آيو هو. ان وقت کان ان طريقي مطابق خلاصه جي ضرورت محسوس ٿيندي رهندي هئي.

حضرت مولانا محمد اسلم شيخو پوري شهيد رحه جو خلاصة القرآن جيڪو رمضان شريف ۽ تراويح جي مناسبت سان هڪ هڪ پاره جو الڳ الڳ خلاصو آهي، ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. حضرت مولانا محمد اسلم شيخو پوري جي نالي کان ديندار حضرات بخوبي واقف آهن. ”ضرب مومن“ ۾ حضرت مولانا مدظله العالي جا

مقالہ ۽ مضامين، علم ۽ فڪر سان ڀرپور هوندا آهن ۽ وڏي شوق سان پڙهيا ويندا آهن. حضرت مولانا مدظلہ جي اهم خصوصيت قرآن مجيد سان محبت آهي، جنهن ڪري سندن درس قرآن کي علمي ۽ عوامي حلقن ۾ گهڻي مقبوليت حاصل آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ کين فهم قرآن جو وڏو حصو عطا فرمايو آهي. جيئن تہ حضرت مولانا قلم جا بہ ڌڻي آهن تنهن ڪري سندن تحرير بہ شاندار آهي. سندن خلاصةالقرآن جو جڏهن مون مطالعو ڪيو تہ معلوم ٿيو تہ مضامين قرآن ۽ ان جي اهم جزئيات تي گهري نظر سان گڏوگڏ جيڪو قرآن جو مقصد تذڪير ۽ آهي ان کي بہ قائم رکيو آهي. مثال طور سورة العاديات جي خلاصہ ۾ لکن ٿا تہ:

سورة العاديات مڪي آهي. ان ۾ 11 آيتون آهن. ان سورت ۾ ٽي اهم مضامين بيان ٿيا آهن.

(1) مجاهدين جي گهوڙن جو قسم کڻي فرمايو ويو آهي انسان وڏو بي شڪرو آهي. ان جي بي شڪري هجڻ تي خود ان جا اعمال شاهد آهن. گهوڙو پنهنجي مالڪ جو وفادار هوندو آهي. ان کي خوش ڪرڻ لاءِ تيرن جي بارش ۽ چمڪندڙ تلوارن ۾ گهڙي پوندو آهي. مگر افسوس! جو انسان اشرف المخلوقات هجڻ جي باوجود پنهنجي حقيقي مالڪ سان بي وفائي ٿو ڪري.

(2) انسان جي فطرت ۽ طبيعت هيءَ بڻائي وئي آهي جو هو مال جي فطرت ۾ ڏاڍو سخت آهي. ان وٽ سون جي هڪ وادي هوندي تہ ٻي تلاش ڪندو آهي ۽ ٻي هوندي تہ ٽين تلاش ڪندو. ان جو وات تہ مٽيءَ کان سواءِ ڪا شيءِ نٿي ڀري سگهي.

(3) انسان کي انهن عملن تي راغب ڪيو ويو آهي جيڪي ان کي ان وقت فائدو ڏيندا جڏهن ان کي حساب ڪتاب لاءِ پيش ڪيو ويندو ۽ ٻانهن جي سينن ۾ جيڪي راز آهن انهن کي ظاهر ڪيو ويندو.

ساڳي وقت خلاصي ۾ حسن ترتيب جو بہ وڏو لحاظ رکيو

ويو آهي جيئن لکن ٿا ته:

"ويهين پاره جي ابتدا ۾ قدرت ۽ وحدانيت جا پنج دليل ۽ برهان ذڪر ڪيا ويا آهن ۽ پنج ئي استفهامي انداز ۾ آهن".

ان ڪان پوءِ برهان اول برهان ثاني، برهاني ثالث، برهان رابع ۽ برهان خامس جا عنوان ڏئي ترتيب وار هر هڪ کي بيان ڪن ٿا.

حضرت مولانا مدظلہ العالي پنهنجي هن خلاصي جو بنيادي مرڪز ٻن قديم و جديد تفسيرن کي بنايو آهي. هڪ "التفسيرالمنير" جيڪو علامہ وهبة الزحيلي جو آهي ۽ ٻيو شيخ محمد علي صابوني جو "قبس من نورالقرآن" اهي ٻئي تفسير علماءَ وٽ مستند ۽ مقبول آهن.

حضرت مولانا محمد اسلم شيخو پوريءَ جو هي خلاصة القرآن نہ صرف عوام لاءِ پر علماءِ لاءِ بہ مفيد آهي. ضرورت هئي تہ ان بيحد مفيد ڪتاب جي افاده ۽ استفاده کي عام ڪرڻ لاءِ ان جو سنڌي زبان ۾ بہ ترجمو ڪيو وڃي. اسان جو نوجوان فاضل دوست مولانا سليم الله چوهاڻ ان ضرورت کي محسوس ڪندي ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. مولانا سليم الله صاحب کي اهم ديني ڪتابن کي سنڌيءَ ۾ ترجمي ۽ شايع ڪرڻ جو وڏو فڪر هوندو آهي ۽ ڪين ترجمو ڪرڻ جي ذات بہ آهي تہ رفتار بہ. ترجمي جو حسن اهو هوندو آهي تہ اهڙو ترجمو ڪيو وڃي جو پڙهندڙ کي ترجمو ڪيل ڪتاب محسوس نہ ٿئي پر ڄڻ تہ اهو ڪتاب ان ئي زبان ۾ لکيل آهي. اها ترجمي جي خصوصيت هوندي آهي. مولانا سليم الله صاحب جي ترجمہ ۾ اها خوبي موجود آهي.

موجوده دور ۾ فهم قرآن جي فضا عام ٿي رهي آهي. سنڌي علماءِ ڪرام بہ رمضان شريف جي بابرڪت مجلسن ۽ تراويحن ۾ هن ڪتاب مان استفاده ڪري سگهن ٿا. خصوصن هر ترويحہ بعد ان پڙهيل قرآن مجيد جو خلاصو، جماعت کي ٻڌائڻ جو سلسلو اندرون سنڌ بہ قائم ڪيو وڃي تہ رمضان جي پلاري مهيني ۾

جيئن تراويحين ۾ امت قرآن جا الفاظ ٻڌي ٿي تيئن انهن لفظن جي معاني ۽ مطالب کي سمجهڻ جي سعادت ٻہ حاصل ڪري سگهي. اڄ جي دور جي اها ضرورت ٻہ آهي تہ خدمت قرآن ٻہ آهي ۽ مون کي اميد آهي تہ ان سعادت جي حصول جو هي ڪتاب بنيادي حصو ٿيندو. ان شاءَ الله تعاليٰ.

مفتي منظور احمد سومرو
جامع. عربيہ دارالفيوض المحمديہ
دادو- رجب 1429 هجري

(شيخ الحديث حضرت مولانا مفتي منظور احمد سومري صاحب جن جا مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندڙ مضمون ۽ مقالا)

****

منهنجو مرشد ۽ دوست

حضرت مولانا مفتي منظور احمد سومرو
امير جمعيت علماءِ اسلام ضلع دادو

مرشد الموحدين حضرت مولانا سائين عبدالصمد هاليجوي شريف الله جو ولي ڪامل، پاڻ ولي، ابن ولي ابن ولي مون ساڻن نسبت مرشديءَ واري ۽ جمعيت جي قائدين واري، ٽين نسبت دوست جي- جو اسان ٻير شريف ۾ ڪجهه عرصو مٿيان ڪتاب ڳڌ پڙهياسون- شفقت جا سمنڊ هئا، خصوصي طور تي انهن جي شفقت منهنجي مٿان تمام گهڻي ۽ وڏي هئي- مون کي جڏهن ٻہ ڪنهن سان تعارف ڪرائيندا هئا تہ ضرور چوندا هئا ادا مان ۽ سائين گڏ پڙهيا آهيون. اها ڳالهہ سندن هر وقت زبان تي هوندي هئي جڏهن ٻہ ملاقات ٿيندي هئي- انتهائي شفقت وارا پوري جماعت جي هڪ هڪ ڪارڪن جي مٿان رحمت، ٻاجهہ جو هٿ رکندڙ -

جنهن زماني اسان ٻير شريف ۾ گڏ پڙهندا هئاسون، ان زماني ۾ ٻہ الله جا ولي هئا. طالب علميءَ واري زماني ۾ ٻہ انهيءَ تهجد ذڪر

اللّٰهيءَ ۾ مشغول ۽ مصروف رهندا هئا ۽ ائين نہ سمجهيو ويندو هو تہ هي ڪو طالب آهن پر ان وقت پير شريف جي مدرسي جي طلباء تي هي اثر هوندو تہ هي بزرگ شخص آهن الله جا ولي آهن.

حضرت سائين پير شريف وارا سندن تمام وڏي عزت ڪندا هئا سندن ماني سائين جن جي گهران ايندي هئي ۽ اڪثر طلباء سان گهرا نہ هوندا هئا سبقن ۾، پڙهائيءَ ۾ ۽ ذڪر ۾ پنهنجو وقت گذاريندا هئا.

سندن وفات ڄڻ اسان کي ٻيو دفعو يتيم ڪري ڇڏيو، اهڙي شفيق انسان جو سايو اسان جي سر تان هليو ويو- الله تعاليٰ کين جنت جي اعليٰ جڳہ عنايت فرمائي جماعت کي ڇورو ڇنو ڪري ويا خصوصاً منهنجي مٿان جيڪا شفقت هئي ۽ مون سان دوستيءَ جو تعلق هو مرشد بہ هئا، قائد بہ هئا ۽ دوست بہ هيا.

(ڪتاب: عالم جو آفتاب صفحو 46 سوانح حيات امام المجاهدين مرشد الموحدين حضرت مولانا سائين عبد الصمد هاليجوي رحہ مرتب. چوهاڻ سليم الله سنڌي)

****

انتهائي دلير ۽ سچو انسان

مولانا منظور احمد سومرو صاحب
امير جمعيت علماء اسلام ضلع دادو،
مهتمم جامعہ دار الفيوض، دادو

موتیوں کے دو تھال سجائے، آج ہماری آنکھوں نے
تم جانے کس دیس سدہارے، بھیجیں یہ سوغات کہاں

جڏهن منهنجي شادي لاڙڪاڻي ۾ حضرت مولانا علي محمد حقاني صاحب جي معرفت ٿي هئي، ان وقت خالد محمود سان منهنجي سڃاڻپ ٿي، ان وقت ڊاڪٽر صاحب معصوم ٻارهو، گهرن

۾ ايندو ويندو هو، ان وقت به بي ڊپ، چست ۽ چالاڪ هو، ڊاڪٽر صاحب جي تربيت حضرت حقاني ان طرح ڪئي، جو تقريرون لکي ان کي رٽائي جلسہ ۾ ڪرائيندو هو ۽ بي خوف ٿي تقرير جوش ۽ جذبہ سان ڪندو هو، ڪنڊياري جي سالانہ جلسي ۾ جڏهن رٽيل بهترين تقرير ڪئي تہ ماڻهو حيران ٿي ويا پر مولانا عبداللہ صاحب کي ڏاڙهي مڇن ڪان سواءِ لسراڻ جي تقرير نہ وڻي پنهنجي تقرير ۾ ان تقرير جي اهڙي ڇوڪري ڪان ڪرائڻ جي اخلاقاً مذمت ڪئي، اها ڳالهہ حضرت حقانيءَ کي پسند نہ آهي.

جڏهن ڪان ڊاڪٽر صاحب جمعيت جو جنرل سيڪريٽري ٿيو تہ پوءِ جمعيت باضابطہ منظم ٿي، سرڪيولرن ۽ اجلاسن جي پرمار ٿي، رابطہ وڌيو، ڊاڪٽر صاحب جي دور ڪان هر ڪارڪن کي حوصلو بہ مليو ۽ جرائت بہ پيدا ٿئي، ڊاڪٽر صاحب سان گڏجي جي ٿي آءِ جي تربيتي ڪئمپن ۽ جمعيت جي اجلاسن ۾ اسان گڏ جي ڪم ڪيو، ڊاڪٽر صاحب هميشهہ منهنجي راءِ کي اهميت ڏيندو هو ۽ هميشهہ مون کي عزت ۽ احترام ڏيندو هو، ڪيترائي دفعا مان ڊاڪٽر صاحب جي راءِ جي مخالفت ۽ تنقيد بہ ڪندو هوس جو جماعت ۾ مون کي ڊاڪٽر صاحب جو نقاد سمجهيو ويندو هو پر هو سمجهندو تہ مان ڪنهن لابي ۾ نہ هوندو هوس، منهنجي تنقيد ۽ مخالفت ۾ اخلاص هوندو هو، ان ڪري ڊاڪٽر صاحب جي احترام ۾ ڪو فرق نہ ايندو هو، ڊاڪٽر صاحب جا ضلعي دادو ۾ جيڪي جواب طلب سرڪيولر ايندا هئا مان پنهنجي روايتي سستيءَ جي ڪري ڪنهن جو بہ جواب نہ ڏيندو هوس، هن ڪڏهن بہ ان جو مون کي ڏورراپو نہ ڏنو، دوستن کي چوندو هو تہ ضلع دادو سڄي سنڌ ۾ مون کي ڏاڍو ڏکيو پيو آهي.

دادو جي اسٽيشن روڊ وارن ساليانہ جلسن ۾ سنڌس يادگار تقريرون هونديون هيون، انهن جلسن ۾ هو لازمي هوندو هو، سنڌس شهادت ڪان ڪجهہ وقت اڳي سکر ۾ جيڪو شوريٰ جو

اجلاس ٿيو، ان ۾ مان تاخير سان پهتس تہ هڪ دوست مولوي صاحب ٻل کي ٽيڪ ڏئي وينو هو، ان کي پري هٽڻ جو چئي پاڻ پرپور اجلاس مان اٿي اسٽيج تان طول وهاڻو ڪٽي منهنجي پويان اچي رکيو.

ڊاڪٽر صاحب جمعيت علماءِ اسلام صوبہ سنڌ کي جنهن اڻ ٿڪ محنت سان منظم ۽ فعال بڻايو هر ضلع ۾ ڪارڪن سان رابطو پيدا ڪيو، ڀهراڙي ۽ شهرن ۾ پنهنجي جذباتي تقريرن سان ڪارڪنن ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو، اهو سڀ تاريخي ڪردار آهي، شهادت ڪان اڳ هر جلسہ جي آخر ۾ شهادت جي موت جي تمنا وڏي الحام ۽ زاري سان ڪندو هو، الله تعاليٰ سندس دعائن کي قبول فرمايو، ان کي نبين صديقين ۽ شهيدن ۾ صالحين جي معيت عطا فرمائي. دلير بڻجي رهيو ۽ بهادريءَ جو موت قبول ڪيائين.

****

ڪوٽہ سسٽم

مولانا مفتي منظور احمد سومرو
جامعہ عربيہ دارالفيوض المحمديہ دادو

1. ڪوٽہ سسٽم اها هنگامي ۽ ضروري رعايت آهي، جيڪا ڪمزورن کي طاقتور جي برابر آڻڻ لاءِ اختيار ڪئي وڃي ٿي. هي اصل ۾ انهن ماڻهن کي انهن جو اهو حق ڏيڻ جو طريقو آهي، جن ماڻهن کي استحصالي ماحول ۽ معاشري، اسباب ۽ ذرائع موافق نہ هجڻ جي صورت ۾ پوئتي ڪري ڇڏيو آهي. جتي سفارش رشوت، ٻٽو معيار تعليم، اقربا پروري، پارٽي بازي ۽ ٻيا استحصالي حربا رائج هجن تہ اتي بيوس ۽ لاچار ماڻهن لاءِ حڪومت تي لازم آهي تہ انهن جي رعايت کي ملحوظ رکيو وڃي.

جيئن الله پاڪ فرمائي ٿو: ترجمو: ”۽ اسان ارادو ڪيو آهي تہ

جيڪي زمين ۾ ڪمزور ڪيا ويا آهن، انهن تي احسان ڪيون ۽ انهن کي اڳواڻ بڻايون ۽ انهن کي مالڪ بڻايون“.

2. افهام تفهيم ۽ انتظامي معاملات کي صحيح طريقي سان هلائڻ لاءِ مقامي ۽ مخصوص زبان يا مخصوص علاقي جي ماڻهن جي ضرورت هميشه کان محسوس ٿيندي رهي آهي، خود الله تعاليٰ به پنهنجو نمائنده (پيغمبر) به جنهن قوم جي طرف موڪليو اهو انهن منجهان هو.

3. قبائلي تعصب کان بچڻ اتحاد ۽ اتفاق کي قائم رکڻ لاءِ حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو:

”قريش جي عزت ۽ عظمت مجيل هئي. جيڪڏهن امامت ميرٽ تي ڇڏي وڃي ها ته قبائلي عصبيت ظاهر ٿئي ها ۽ خلافت افتراق ۽ انتشار جو شڪار ٿي وڃي ها“.

4. حُديبيه ۾ مڪه وارن ڏي حضرت عثمان کي سفير بڻائي موڪليو ويو، ڇو ته ان وقت مڪه ۾ سردار ابو سفيان اموي هو، ان ڏي حضور ﷺ سفير به حضرت عثمان کي بڻائي موڪليو هو.

5. هوازن جي اموال غنائم کي قريش نومسلم تي تقسيم ڪيو ويو، انصار کي تمام گهٽ مليو. مقصد تاليف قلوب هئي. معلوم ٿيو ته امير يا حڪمران اهڙي ترجيح ضرورت وقت ڏئي سگهي ٿو.

6. فتح مڪه وقت ڪعبة الله جي چابي حضرت علي رضي الله عنه جي گهرڻ باوجود حضرت عثمان بن طلحه کي واپس ڏني وئي، جڏهن ته حضرت علي رضي الله عنه مسلمان ۽ عثمان بن طلحه ڪافر هو، ميرٽ تي ته حضرت علي رضي الله عنه پورو هو، پر الله ۽ الله جي رسول طلحه جي آبائي اجدادي حق کي ترجيح ڏني ۽ ان وقت ”ان تؤد و الامانة اليٰ اهلها“ جي آيت نازل ٿي.

مٿي مذڪوره دليل ڪوٽه سسٽم جي جواز جا هئا. باقي شرعي ڪورٽ جي عدم جواز جا ثبوت پيش ڪيا آهن، انهن تي

تنقيد هن طرح آهي ته شرعي ڪورٽ ميرٽ جي وجود لاءِ قرآن مجيد جون چار آيتون دليل طور پيش ڪيون جن منجهان آيت نمبر 3 جو ڪوٽه سسٽم سان ڪوبه واسطو نه آهي ان آيت ۾ نسب ۽ نسل ۾ مساوات جو ذڪر آهي نسبي ۽ نسلي تفاخر جي نفي ڪئي وئي آهي ڪوٽه سسٽم ۾ اهو فخر مراد ئي نه آهي ته سنڌي نسب ۽ نسل جي لحاظ کان اعليٰ آهي، غير سنڌي تي ڪوٽه سسٽم ۾ مراد آهي ته پوئتي پيل کي اڳتي آڻجي. محروم کي ڏاول جي برابر ڪجي.

آيت نمبر 4 ۾ فرمايو ويو آهي ته پنهنجا اموال نادان ماڻهن جي حوالي نه ڪيو.

ان آيت کي به ڪوٽه سسٽم سان واسطو نه آهي ڇو ته ڪوٽه سسٽم ۾ نوڪري ڪنهن چريئي مجنون نادان يا اڻ پڙهيل جاهل کي به ڏني ويندي آهي، پر پڙهيل ۽ ملازمت لاءِ گهربل ڊگري يافته هوندو آهي، جنهن ملازمت لاءِ جيڪي شرط مطلوب هوندا آهن اهي ان ۾ پورا هوندا آهن.

آيت نمبر 1 ۽ 2 امانتون انهن جي اهل جي حوالي ڪرڻ ۽ ان ۾ خيانت نه ڪرڻ جو حڪم ڪن ٿيون.

اهليت کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته ان جي تعريف جو تعين ڪيو وڃي.

ڪنهن به ملازمت لاءِ انتظاميه جيڪي شرائط ۽ قواعد مقرر ڪري ٿي جيڪو ان کي پورو ڪري اهو ان ملازمت جو اهل چئبو.

ڪنهن ملازمت لاءِ انتظاميه صرف مئٽرڪ شرط ڪيو ته مئٽرڪ پاس ان ملازمت جو اهل چئبو ۽ جيڪڏهن مئٽرڪ سان گڏ ٽائيپ به شرط ڪيو ويو ته صرف مئٽرڪ پاس جنهن کي ٽائپ نه ٿي اچي اهو نااهل چئبو مئٽرڪ سان گڏ ٽائپ ڄاڻندڙ اهل ٿيندو اهڙي طرح جيڪڏهن مئٽرڪ ۽ ٽائپ سان گڏ تجربه به شرط ٿيو ته جنهن ۾ اهي ٽئي شرط موجود هوندا اهو اهل ٿيندو، پر جيڪڏهن ان ٽنهي

شرطن مان گڏ ڪنهن مقام يا زبان جو شرط ڪيو ويو ته پوءِ اهو اهل چئبو جواب ۾ شرط موجود هوندا. معلوم ٿيو ته هر هڪ ملازمت لاءِ انتظاميه شرعي قواعد مقرر ڪري ان کي پورو ڪندڙ اهل چئبو انتظاميه جيڪي به قواعد مقرر ڪيا ان تي ڪابه پابندي نه آهي. ڪوٽه سسٽم ۾ ڪواليفائيڊ ته هرحال ۾ شرط هوندي آهي پر ان سان گڏ شهري ۽ ٻهراڙيءَ جو به شرط هوندو آهي اهڙو شرط شرعاً ممنوع به نه آهي. هاڻي ڪوٽه سسٽم تي جيڪا نوڪري وٺي اها نااهل جي حوالي ڪيئن ٿيندي، جڏهن ته خود ان آيت جو شانِ نزول جيڪو ان آيت جو پورو منظر ٻڌائي ٿو سو هي آهي ته فتح مڪه وقت حضور ﷺ ڪعبة الله جي چاٻي جڏهن عثمان بن طلحه کان ورتي ته حضرت علي رضي الله عنه عرض ڪيو ته اها چاٻي اسان کي ڏني وڃي جيئن سقاية سان گڏ اها خدمت به اسان کي حاصل ٿئي ان تي اها آيت نازل ٿي ۽ ان چاٻي جو اهل عثمان بن طلحه کي ٻڌايو ويو جيڪو ان وقت اجان مسلمان به ڪونه هو پر ان جي آبائي اجدادي حق کي ايمان تي ترجيح ڏني وئي.

وفاقي شرعي عدالت جي فيصلي ۾ باقي جيڪي حديثون بيان ڪيون ويون انهن ۾ نسلي ۽ نسبي تفاخر جي مذمت آهي، انهن جو هن ڪوٽه سسٽم سان ڪوبه تعلق نه آهي ڇو ته ڪوٽه سسٽم ۾ تفاخر ۽ وڏائي مقصود ئي نه آهي.

ڪوٽه سسٽم ۾ ڪڏهن ادنيٰ کي اعليٰ تي يا افضل تي فاضل کي ترجيح ڏني ويندي آهي ۽ اها شرعاً ڪڏهن به ممنوع نه آهي. حضور صلي الله عليه وسلم پنهنجي عمر جي آخر ۾ جيڪي لشڪر حضرت اُسامه جي امارت ۾ موڪليو ان ۾ حضرت ابوبڪر صديق عمر فاروق سپاهي هئا، حالانڪ حضرت اسامه کان هو بزرگ افضل هئا تڏهن به امارت غير افضل کي ڏني وئي.

ڪوٽه سسٽم ۾ اهل ۽ نااهل جو سوال ڪونهي پر افضل ۽ غير افضل جو مسئله آهي، جيڪو ممنوع نه آهي.

باب ٽيون

مولانا منظور احمد سومرو صاحب جن جي خذمتن تي عالمن اديبن جا لکيل مضمون ۽ تاثرات

مولانا عبدالقيوم هاليجوي امير جمعيت علماءِ اسلام صوبہ سنڌ جا تاثرات

باني خانقاه عاليه پير شريف حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي نوراللہ مرقده جي شاگردن مان حضرت مولانا منظور احمد سومرو صاحب کي منفرد حيثيت حاصل آهي، جن پنهنجي اباڻي علائقي ڪان پري ڪاڇي جي ڪنڌيءَ تي آباد دادو شهر ۾ دين اسلام جي تعليم لاءِ مدرسه دار الفيوض کي پنهنجو مرڪز بنائي پوري علائقي کي ديني علم جي روشني سان منور ڪيو.

اڄ جيڪڏهن دادو ڄام شوري ۾ جمعيت علماء اسلام جا جهنڊا ۽ نعرا نظر اچن ٿا. وطن ۽ علائقي سان محبت ڪندڙ هزارين ڪارڪنن جو جم غفير هي سڀ ان نيڪ مرد عالم دين حضرت مولانا منظور احمد سومرو جي ڏينهن رات جي ڪيل جفا ڪشين محنتن جو نتيجو آهي.

اللہ تعالي پنهجي دين متين جي سربلندي لاءِ اهڙن انسانن کي پنهنجي مخلوق جي هدايت جو ذريعو بنائيندو آهي. اڄ به سندن موجودگي علائقي جي قدر و قيمت ۾ اضافي جو سبب آهي.

ڏاڍيءَ در دعاء آهي ته اللہ تعالي سندن خدمتن کي پنهنجي بارگاه ۾ قبول فرمائي.

سندن سائي کي اللہ تعالي هن قوم مٿان تا دير سلامت رکي.

دعاگو (مولانا) عبدالقيوم هاليجوي خادم جمعيت علماءِ اسلام صوبہ سنڌ

منهنجو دوست ۽ ساٿي

مولانا مير محمد ميرڪ وارو

مولانا منظور احمد سومرو ساڪن ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز وارو ڪنهن به تعارف ۽ تعريف جو محتاج نه آهن. بلڪ معروف و مشهور شخصيت جو مالڪ آهي، منهنجو ديرينه بلڪ نوجوانيءَ ڪان تا حال پيرانه تائين جو مخلص، سچو ۽ وفادار دوست آهي. پاڻ عالم، نيڪ، صالح، محقق، قوت ڪلاميءَ جو بادشاه ۽ عظيم انسان آهي. منهنجي استاذ، منهنجي مرشد، مربي، حضرت اقدس امام العارفين، امام الاولياء والاتقياء، قدوة العلماء مولانا سائين عبد الڪريم ٻير شريف وارن نور الله مرقده جن ڪان علم حاصل ڪيائون. مون ڪان مٿين درجه ۾ هئا، هر تعلق، محبت، نسبت بي تڪلفانه هڪ ٻئي سان محبت ۾ ائين لڳندو آهي. ڇڻ ته اسان هڪ درجه جا شاگرد آهيون.

الحمد لله! مولانا موصوف بهترين، مدرس، شيخ الحديث والتفسير، ماهر معقولات والمنقولات ڪتب فلسفه سان تمام شغف وارو درس نظامي جي ڪتب جو مايه ناز استاد و مدرس آهي. سندن ڪتب تاريخ جو مطالعو به قابل ذڪر آهي. سندن تقرير، مدلل، مفصل، انواع علوم تي هوندي آهي. تفصيل سان لکجي ته گهڻو ڪجهه تحرير ڪري سگهجي ٿو. پر سندن نالو ئي ڪافي آهي. تعريف ۽ تعارف لاءِ.آئون سندن دراز عمري ۽ صحت، سلامتي، خير و عافيت واري زندگيءَ لاءِ هميشه ڪان هميشه لاءِ دعاگو آهيان. ڏٽي تعاليٰ سندن سايه عاطفت اسان سمورن جي مٿان تا دير قائم ۽ دائم. سندن فيض علم ڪي عام ۽ جام، جاري ۽ ساري فرمائي، پنهنجي بارگاه ايزدي ۾ شرف قبوليت سان نوازي.

حقيقيت هي آهي تہ هي زمانو اهڙن عالمن کان خالي آهي. جن جي زندگي بي طمع لالچ، بي ريا، شهرت ۽ نامہ چاري کان پري، حق گو، بي باڪ، اخلاق جي اعليٰ معيار تي قائم رهي ڪري نصيحت، خير خواهي جو حق ادا ڪرڻ وارا ماڻهو تمام اڻ لڀ آهن، پر مولانا هڪ گوهر ناياب انهن ذڪر ڪيل مٿين وصفن سان سينگاريل آهن.

جمعيت علماء اسلام وفاق المدارس العربيہ پاڪستان جي اجلاسن ۾ سندن گفتگو بہ پر مغز، ناصحانہ هوندي آهي. سندن ديني ادارو دادو شهر ۾ قائم آهي. ان ديني اداري جون تمام تر خدمات، انتظامي تدريسي وغيره بہ پاڻ وٽ اٿن. مولانا وٽان ڪيترائي علم جا پياسہ علم جو جام نوش ڪري دستار جي فضيلت حاصل ڪري بطور صدقہ جاريہ جي علمي، درسي ۽ تدريسي خدمات سر انجام ڏئي رهيا آهن. حال قريب ۾ سندن صحت ۾ ڪجھ علالت پئي هئي. الله تعاليٰ مولانا موصوف کي صحت ڪاملہ، عاجلہ، دائمہ، مستمره عطا فرمائي آمين يا رب العامين.

املاء ڪرائيندڙ: شيخ الحديث مولانا مير محمد هنجراھ ميرڪ وارو

قلم بند مولانا محمد ماجد هنجراھ

دلي دوست مولانا سومرو

ابوعلي نصرالدين بروهي- مخدوم بلال دادو

اول الله عليم اعلي عالم جو ڏڻي
قادر پنهنجي قدرت سي قائم آ قديم
والي واحد وحده رازق رب رحيم
سو ساراهه سچو ڏڻي چئي حمد حڪيم
ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جون

سنڌ سونهاريءَ جي پيٽ ۾ سنڌ واسين جي جياپي لاءِ الله تعاليٰ قيمتي ذخيرا رکيا آهن، اهڙي طرح سندس پنيءَ تي روح کي تازي رکڻ لاءِ ان ۾ نبوت جا وارث علماءِ سڳورا پيدا فرمايا آهن انهن عالمن سڳورن منجهان هڪ مولانا مفتي منظور احمد سومرو جن آهن، جيڪو چئن ڏهاڪن کان وٺي اڄ تائين جامعه دارالفيوض ميمڻ محله دادو ۾ تعليم جو ڪم سرانجام ڏئي رهيا آهن پاڻ درس تدريس ۾ ماهر (از دل خيزد بر دل ريزد) جا مصداق هوندا آهن

۽ دوستي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن ان ڪري مولانا کي آءَ دل جي وڻ جي ڇانو ۾ ويهاريندو آهيان ۽ وري پاڻ به مون سان وڏي محبت جو اظهار فرمائيندو آهي بحرحال مولانا منظور احمد جي تعليم سان گڏ انجي سياسي زندگي به قابل ذڪر آهي جيترو وقت دادو ۾ تعليم جو اٿن ته اوترو سياسي به، جڏهن 1981 ۾ تحريڪ بحالي جمهوريت MRD هلي ته ان وقت سياست جو مرڪز مولانا مفتي تاج محمد ڪوهارو رحمه الله کي اين شاه وارا هيا. 1985 ۾ ان جي وفات کان پوءِ ضلعي جي سياست مولانا منظور احمد وٽ آئي پاڻ اڄ تائين جمعيت علماءَ اسلام ضلعي دادو جا امير آهن ۽

وري مولانا تاج محمد کوهارو رحمه الله مدرسن جو اتحاد قائم ڪيو. جنهن جو نالو اتحاد المدارس دادو رکيو ان جو پهريون صدر قاري سعيد رحمه الله ميهڙ وارا ٿيا، ڪجهه وقت کان پوءِ اهو ذمو بہ مولانا منظور احمد سومرو صاحب تي پيو ۽ سمورن مدرسن جي خيرخواهي برابريءَ جي بنياد تي اڄ تائين نيائيندا ٿا اچن ۽ هن وقت بہ مولانا صاحب پيران سالي ۽ مريض هجڻ جي باوجود پڙهائي ۾ مصروف نظر ايندا آهن ۽ سندن خدمت گارن ۾ ميمڻ ۽ سرهيا برادي جا دوست هر وقت اڳ ڀرا هوندا آهن پاڻ طبيعت ۾ ملوڪ ۽ لباس هر وقت صاف سٿرو پهريندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن بادشاهي طبيعت بہ موٽي ايندي اٿن ڇو تہ سومرا بادشاهہ بہ تہ رهيا آهن ان ڪري بادشاهن تي ڪهڙي ميار، باقي هڪڙو منهنجو ذاتي تجزيو آهي غلط بہ ٿي سگهي ٿو اهو هي تہ سومرو صاحب جي چوڏاري سندن شعبن جو ڪوبہ وارث ڪما حقه نظر نٿو اچي هڪ دفعي پاڻ بہ اهڙو اظهار فرمايائون اهو هن طرح تہ رجيل جام آهن باقي رجال پيدا نٿا ٿين.

دعا آهي تہ الله تعالي عالمن جي حفاظت فرمائي آمين.

چاندوڪيءَ جو پانديئڙو!

مولانا جوهر بروهي

اَوَتڙ ڪنهن نہ اوليا، سُتَڙ ويا سالم،
هيڪائي هيڪ ٿيا، احد سين عالم،
بي بها بالم، آگي ڪيا اڳهين.

(پٺائي سائين)

علم جو تعلق ڪسب (محنت ۽ حاصل ڪرڻ) سان آهي. جڏهن تہ فراست جو تعلق فطرت سان آهي. ٻئي وصفون عنايت ڪندڙ رب ڪريم جي ذات آهي.

علم اهو جنهن جو تعلق ان جي نالي سان هجي. جنهن خلقيو، فراست اها جنهن سان نيڪي ۽ بدي جي ڄاڻ هجي.

منهنجي خيال ۾ نيڪي ۽ بدي جي ڄاڻ هر ساهدار ڪي آهي. فائدي واري حصي ڪي جيئن هر انسان سمجهي ٿو. ان ريت هر جانور بہ سمجهي ٿو. نيڪي ۽ بدي جو ٻيو عنوان نفعو ۽ نقصان آهي. تہ نفعي ۽ نقصان ڪي هن وانگر هر ساهدار ڄاڻي ٿو.

انسان ڄاڻندي بہ وساري ڇڏي ٿو، ڪيس گناهہ ۽ ثواب جي فرق ڪي ڄاڻ هوندي بہ ثواب ۽ گناهہ تي عمل نہ ٿو ڪري سگهي.

موت هڪ اٽل حقيقت آهي، ڪنهن ڪي بہ خبر ناهي ڪيس موت ڪٿي، ڪڏهن ۽ ڪيئن ايندو؟ پوءِ بہ انساني معاشرو ون ويلنگ ڪي لڳو پيو آهي.

علم انسانيت جي ارتقا ۽ سونهن جو ذريعو آهي. علم اڪرن سان گڏ هڪ پاڪباز حياتي جي تقاضا رکي ٿو. اهو اهل علم ناهي جيڪو ڄاڻ هوندي بہ بي هودي حياتي گهاري. عالم ڪي معاشري ۾ انتهائي ذميوار هجڻ گهرجي. جو وٽس قوم لاءِ قيادت جو

منصب ۽ انداز عمل آهي.

علم ۽ فراست جو نتيجو "تقوي" آهي. تقوي جو تعلق بندي جو بندي سان نه پر بندي جو باري تعالي سان آهي. جنهن علم ڏنو ۽ فراست به عنايت ڪئي. ان ڪري علم ٿورو هجي پر سندس قدر بي شمار آهي. اهو قدر فقط عمل آهي. منهنجي دور ۾ اهڙا مثالي ماڻهو موجود آهن. جيڪي علم، فراست ۽ تقوي جا صاحب آهن. انهن جو ڪسب به مثالي ته فيض به مثالي آهي.

اسان پارن اُجارن ۽ واٽ جي اَسونهن لاءِ قمبر لڳ "ٻير شريف" آب حيات جو چشمو آهي. اسان اتي پلڪ پهر جا مسافر ٿي ويندا آهيون. پر ڪي نصيب ڀريا اهڙا به آهن. جن اتي ورهيه واريا. عزم ۽ همت سان گڏ فيض حاصل ڪري انهن رندن تي لاک ۽ ساک سنواري.

صاحب تصنيف مانائتي عالم محترم سائين محمد قاسم سومرو مدظله العالي پنهنجي تحقيقي ڪتاب مرشد ڪريم عالي مقام سائين عبدالڪريم صاحب قريشي نوراللہ مرقده جو هڪ جملو لکي ٿو. حضرت محترم سائين ٻير وارا فرمائيندا هئا ته ذهين شاگرد هجي ته درس نظامي جو مڪمل ڪورس صرف ستن سالن ۾ پڙهي پورو ڪندو. جيئن مولوي منظور احمد پڙهيو آهي.

واقعي مولانا منظور احمد اهڙو پڙهيو جو سندس ذهن اڄ مڪمل لائبرري آهي. جنهن منجهه هر علم جي ڪافي تحقيق نه رڳو موجود پر بر زبان به آهي.

سهڻي صورت، سهڻي سوچ سان سينگاريل مولانا موصوف نه رڳو تدريس جي لحاظ کان فيض ورچيندڙ استاد آهي. مگر تحرير جي لحاظ کان برجسته قلم ڌڻي به آهي.. درود شريف بابت سندس مرتب ڪيل ڪتاب جيڪو نه رڳو ڇپيو پر لوڪ وٽان مراد به ماڻي. ان ريت سندس تقرير به علمي انداز سان فصاحت واري آهي.

جيڪا اهل علم جي علمي سوچ جي اضافي جو سبب آهي.. اتي عام لوڪ لاء لاپ جو سبب بہ آهي. سندس هر جملو دل نشين ۽ انداز بيان اهڙو سليس ڪو ٻڌندڙ ائين ٿو محسوس ڪري جيئن ماڪي ملايل کير ٿو اوتي.

ٻالجتي ڪان عمر جي آڳل تائين رڳو ڪنز، قدوري، ۽ ڪافيہ نہ پڙهيو. پر سلوڪ جي صاحب وٽان لفظ "اللہ" بہ سني انداز سان سکيو.

اسان جا مقرر، اسان جا نعت خوان رات ڏينهن اوجاڳا ڪري رب جي رضا لاء وستي وستي نِگر نِگر اسٽيجون سنوارن ٿا. آڌيءَ ويلي انهن پڪارن ۽ آلاپن کي رب ڪريم وٽ مقبوليت آهي. (جنهن جو مونکي ذاتي تجربو آهي) مگر اهي صاحب، حسن بيان جي ڪري لفظ "اللہ" جو صحيح اچارڻ جو حق ادا نٿا ڪن. پنهنجي مهربان دوستن کي حفظ يا درس نظامي جي تڪميل ڪانپوء هاليجي، امروٽ، يا پير شريف ۾ رات رهڻ جي گذارش ڪندس.!!

مولانا منظور احمد ڪنديارو ڪان پير شريف تائين اکر چا پرايا؟ يا پير شريف ڪان هاليجي شريف تائين ڪيل پنڌ ۾ چا ماڻڪ ميڙيا؟ انهن لطيف احساسن کي بندو ڄاڻي يا بندي جو رب ڄاڻي! مونکي ڪا پروڙ ڪانهي. البت سندس پيشاني مان هي پانئجي ٿو تہ مڙس وٽ ڪا مايا ضرور آهي.!!

ٻالجتي ڪان اهڙو جيء جڙيو جو پيو ڪجهہ بہ ياد نہ رهيو، جڏهن حضرت سائين پير وارا انوار العلوم ڪنديارو ۾ هيا، ان وقت جون ڪافي سارونٽيون ساري چيو،

"جڏهن سائين پير وارا ڪندياري ۾ پڙهائيندا هيا، تڏهن آئون ننڍو ٻار هيس، اسان جو گهر ميمڻ محلي ۾ مدرسہ کي ويجهو آهي. منهنجو والد صاحب (الحاج عبد الهادي سومرو) حضرت سائين جن جو جماعتي، تعلق وارو هيو، اسان کي مينهون هيون.

آئون روزانو هڪ پاءِ کير کڻي حضرت سائين جن کي گهر ڏئي ايندو هئس. جڏهن هڪ مهينو پورو ٿيو تہ سائين جن مون کي سوا روپيو ڏنو.. فرمايو تہ هي کير جا پئسا آهن. مون انڪار پئي ڪيو، پر حضرت سائين جن پئسا وٺڻ جو حڪم فرمايو، جڏهن اهو سوا رپيو اچي والد صاحب کي ڏنم، تڏهن ان مهل ئي مون کي ساڻ ڪري سائين جن جي رهائشگاهہ وٽ آيو، سائين جن کي آئون اندران سڏ ڪري آيس، ڪين بابي عرض ڪيو تہ، سائين! اسان کير ڪپائيندا ڪونہ آهيون. اسان تہ کير مفت موڪليندا هئاسين. هي پنهنجا پئسا واپس وٺو.

حضرت سائين جن پئسا واپس نہ ٿي ورتا، پر بابي بہ زور ڪري پيسا واپس ڪيا.

جڏهن ٻئي ڏينهن آئون کير کڻي ويس، تہ سائين جن کير وٺڻ کان انڪار ڪيو، فرمايائون تہ توهان پيسا نہ ٿا وٺو، آئون کير نہ ٿو وٺان.

پوءِ نيٺ بابي سائين کي پئسا واپس وٺڻا پيا، ۽ کير روزانہ ڏيئي ايندو هيس"

مهر ڀريا بادل برسن تہ هن ريت برسندا آهن.

مولانا منظور احمد سومرو (مدرس مدرسه دار الفيوض دادو) جن ٻڌايو: "آئون ٿي چار دفعا حضرت سائين پير شريف وارن سان گڏ هاليجي شريف ويس، حضرت سائين پنهنجي مرشد آڏو بلڪل خاموش ٿي ويهندا هيا. رات جو مسجد شريف ۾ سمهندا هيا. مٿي هيٺان سر رکي سمهي آرام ڪندا هيا.[1]

---

[1] حضرت مولانا عبيد الله سنڌي رحمة الله عليه ڪجھ عرصو درگاهہ عاليہ قادريہ امروٽ شريف ۾ رهيا. ڪيس خيال ٿيو تہ امروٽ شريف ۾ مدرسو بہ قائم ڪجي. آزادي جي امام کي اهڙو عرض ڪيائين. حضرت سائين تاج محمود امروٽي رحمة الله عليه انڪار ڪندي فرمايو اسان هتي ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي ڏک سک جي گهڙين ۾ تزڪيو ۽ تربيت ڪيون ٿا. درگاهہ تي ايندڙ ماڻهن لاءِ هاسيڪار ڪو

اهتمام ڪو نہ ٿو ڪيو وڃي. مدرسي جي رهندڙن جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جو خاص اهتمام ٿيندو. هڪ جاء تي اهي بہ نظام نہ هلي سگهندا. ان ڪانپوءِ مولانا سنڌي مرحوم پيپنڌي شريف هليا ويا.

اهو 1978 وارو سال هيو پنهنجي مربي محترم استاد ۽ مرشد (سائين پير وارن) جي حڪم ۽ دعائن جي پاڇي ۾ جامعہ اسلاميہ دار الفيوض المحمديہ صدر نشين جي حيثيت ۾ تعليمي خدمت شروع ڪئي. سندس اعلي صلاحيتن کان متاثر ٿي جامعہ جو اهتمام بہ سندس حوالي ڪيو ويو. هُن جامعہ سراج العلوم پير شريف جا تدريسي تعليمي تجربا هتي متعارف ڪرايا. سوين ماڻهو علمي ورثي جو ڀڳون پاتيون. وڌيڪ ارتقائي پنڌ ڪري "بنات" جو شعبو بہ قائم ڪيو. جنهن ۾ نہ فقط ڪلام پاڪ پر سارو درس نظامي جو نصاب ۽ آخر ۾ حديث جا ڪل ڪتاب پڙهائي، پاڪباز نياڻين کي قال الله و قال الرسول جون لاتيون سيکاريو!!

درس نظامي سان گڏ شاگردن جي تربيت جو بہ وڏو اهتمام رکيو ويو. فارغ ٿيندڙ هر حافظ ۽ هر نوجوان عالم نہ رڳو دستار فضيلت پارائي وئي، پر کين هڪ ذميوار شهري هجڻ سان گڏ تقوي جو سليقو بہ سيکاريو ويو.

دادو ضلع جي ماضي قريب ۾ ڪڙيو غلام الله (خيرپور ناٿن شاهہ) جي وارث ۽ پنهنجي دور ۾ منفرد سوچ رکندڙ انتهائي ترقي پسند ذهن جو مالڪ ۽ غرور جي هٽ نوڪيل رويي کان پرهيزگار عالم حضرت مولانا تاج محمد ثاني ڪوهارو ﷫ وسيع ظرف جو انسان پنهنجي ايام ڪاري ۾ اتحاد المدارس ضلع دادو جو بنياد رکيو. جنهن جو پهريون صدر مولانا سعيد احمد ديروي چونڊيو ويو ۽ جنرل سيڪريٽري حضرت سائين ڪوهارو صاحب ٿيو.

اهڙي ريت ضلع دادو ۾ جمعيت علماء اسلام کي وڏي محنت سان منظم ڪيو. سندس دور ۾ فقيہ ملت حضرت مولانا مفتي محمود ﷫ ميهڙ ۾ تشريف فرما ٿيا. ۽ تفصيلي خطاب ڪيو. اتي مان بہ حاضر هيس. هن تقريب جو هڪ تفصيل محترم حبيب الله حضوري جي ٿوري سان ملاحظہ ڪيو وڃي.

"1970 ڌاران جمعيت علماء اسلام جو هڪ ڪامياب جلسو اڪبري جامع مسجد ميهڙ ۾ ٿيو. جنهن ۾ حضرت مفتي محمود ﷫، حضرت مولانا غلام غوث هزاروي، ۽ حضرت سائين پير وارا شريڪ ٿيا. ۽ بيان فقط مفتي صاحب جن جو ٿيو"

اهو جلسو جڏهن هن علائقي ۾ جمعيت علماء اسلام جو تعارفي جلسو

هيو.

ياد رهي تہ هن کان اڳ ضلع دادو اندر جمعيت جو هڪ تعارف حضرت مولانا غلام احمد مرتضي ملڪاڻي رحمۃ اللہ علیہ، جن جي ذريعي ٿيو. پر تنظيمي لحاظ کان ڪا بہ جوڙ جڪ نہ هئي. حضرت ملڪاڻي صاحب، مرحوم تن تنها دادو ضلعي جي آدم خورن جي مقابلي لاء هر اليڪشن ۾ حصو ورتو. جنهن کي هو آخرت جو سرمايو سمجهندو هيو. سندس فرزند پير طريقت مولانا مخدوم حبيب الرحمان ملڪاڻي صاحب نہ رڳو ان مدرسي جو مهتمم آهي. جنهن مدرسي جو بنياد 1960 ڌاران مولانا ملڪاڻي صاحب مرحوم مدرسہ دار العلوم نالي سان غريب آباد دادو ۾ رکيو. اتي پاڻ استاد بہ آهي.

حضرت مولانا تاج محمد ڪوهارو جمعيت کي علائقي اندر هڪ تنظيمي صورت ڏني. اڄ جمعيت پوري ضلعي اندر منظم آهي.

مولانا منظور احمد صاحب سومرو دادو ۾ آيا، تہ دادو مولانا صاحب لاءِ ۽ مولانا صاحب دادو لاءِ سڄاڻپ بڻيل آهي.

مدرسہ سان گڏ اتحاد المدارس ۽ جمعيت علماء اسلام ضلع دادو کي بلند بخت تائين پهچايو آهي. هڪ پيرو اين اي (خيرپور ناٿن شاھ ۽ ميهڙ تڪ) تي اليڪشن ۾ حصو ورتو. محلاتن جي مڪينن سان گڏ پليٽن تي پلجڻ وارن لاء اها قيامت جي گهڙي هئي. هڪ فرش نشين، محلاتن جي مڪينن سان مقابلي لاءِ لٿل آهي. عوام فقط عجب ڪندو رهيو!!!!

ايم آر ڊي جي تحريڪ سڄي سنڌ ۾ هلي پئي، مگر دادو ضلع اندر ان تحريڪ جو سڪو سوايو هيو. تہ سزا بہ سوائي هئي. اهي وڏيرا جيڪي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ وقت مولانا صاحب جي هن عمل تي ڏند ڪرٽي رهيا هئا. انهن ريشمي رومال ۾ ويڙهي ايم آر ڊي جي صدرات مولانا صاحب جي حوالي ڪئي.

بند ڪمرن ۾ اجلاس دوران چڱا مڙس ڪمري جي دري کان گذرندڙ پاڇي کي چرڪ پري تڪن پيا. مان بہ انهن اجلاسن ۾ شريڪ ٿيندو هيس. جيڪڏهن ايم آر ڊي جو ڪو جلسو روڊ رستي تي منعقد ٿيندو هيو تہ مولانا صاحب وڏي سانت سڪون سان صدارت جي نشست تي ويٺو هوندو هيو. نہ گهبراهٽ! نہ دل جي ڌڙڪڻ!!

مگر ايم آر ڊي جا وڏيرا ٻن، ٽن جملن کان پوءِ واش روم پڇائيندا رهندا هيا.

مولانا صاحب جي قائدانه صلاحيتن لاءِ نہ رڳو جمعيت جا ڪارڪن

حضرت سائين هاليجي شريف وارا ٻاهر نہ هوندا هيا. (گهر هوندا هيا) حضرت سائين (ٻير شريف وارا) در محمد فقير جي ڪمري ۾ ويهندا هيا. ساڻس ڪچهري ڪندا هيا. ۽ در محمد فقير ڪڏهن ڪڏهن سائين جن ڪي چانهہ ٺاهي پياريندو هيو.

هاليجي شريف ۾ لنگر ڏهين يارهين بجي ايندو هيو، آئون (مولانا منظور احمد) ننڍو ٻار هوندو هيس، ان ڪري حضرت سائين جن رات جي ماني مان بہ چار ڀِيا رکي ڇڏيندا هيا. پوءِ صبح جو فقير در محمد جي ٻاريل باهہ تي ڀِيا سيڪي مون کي ڏيندا هيا.

هاليجي شريف ۾ ڪو دڪان ڪو نہ هوندو هيو، جيڪڏهن حضرت سائين ٻير شريف وارا بہ چار ڏينهن اتي رهندا هيا، تہ پنهنجي عاقل ايندڙ ويندڙ ماڻهن هٿان مون لاءِ پڳڙا، ڪتل، گهرائيندا هئا." (ڪتاب سائين ٻير وارا)

اهڙين شفقتن ۾ سوين دعائون سانديل هيون. جن جي ڪري هڪ ترقي حاصل ٿي.

سنڌ جي صاحب فڪر علمي هستي حافظ محمد موسي ڀٽو، مولانا منظور احمد سومرو بابت لکي ٿو تہ" ٻير شريف جي علمي حلقي ۾ مولانا منظور احمد سومرو واقعي هڪ دانشور آهي"

ڪنهن شخص بابت دعوائون مونجهاري جو سبب ٿين ٿيون، مگر امام الانقلاب قائد ملت اسلاميه حضرت مولانا فضل الرحمن صاحب جهڙو اٽل انسان مضبوط ارادي جو مالڪ جنهن شخص جي

معترف آهن. مگر عوام کي پڻ ڀرپور اعتماد رهيو آهي. منهنجي معلومات مطابق جمعيت ضلع دادو جي امارت بنا ڪنهن مقابلي جي مولانا صاحب جي حوالي رهي آهي. پيار ارپيندڙ هن انسان لاءِ مون سان گڏ دادو جا وڻ ٽڻ بہ دعاگو آهن. جنهن جي هستي منهنجي لاءِ "ٻير شريف" جي نشاني آهي.

آٽي تي اَگهار، ڪامي ڪِردارن سين،
پسين سي پَتار، پُر پيتوئي جن سين.

پيشاني چمي سان سطحي ڳالھ تہ نہ آهي.

هڪ پيري جڳ مشهور شاعر استاد بخاري سائين مون کي چيو:

دادو ۾ مولانا منظور احمد سومرو بابت معلوم ٿيو آهي تہ هو هڪ اعلي ذهن جو مالڪ ۽ ترقي پسند عالم آهي. ان سان ملاقات ڪجي، پوء ملاقاتون بہ ٿيون بحث مباحثا بہ ٿيا.

منقولات ۽ معقولات جي هن ترقي پسند عالم جامعہ اسلاميہ سراج العلوم پير شريف مان 1968 ڌاران فراغت حاصل ڪري عملي زندگي ۾ ڪم شروع ڪيو. جتي بہ ويو اتي تدريس ۽ تعليم جي تاريخ جوڙي.

اسلافن جي نشاني بهترين سنجيده محقق

تحرير: ڊاڪٽر اي جي انصاري، پريس سيڪريٽري جي يو آءِ سنڌ

مولانا منظور احمد سومرو صاحب جي علمي، ديني ۽ اخلاقي حيثيت تي هڪ جامع نظر

اسلامي تاريخ هميشہ اهڙن عالمن سان مالا مال رهي آهي، جن پنهنجي علم، عمل، ۽ تقوىٰ سان نہ رڳو پنهنجي دور تي اثر ڇڏيو، پر ايندڙ وارن نسلن لاءِ بہ هدايت جو سرچشمو بڻيا. اهڙن ئي بلند مرتبت عالمن مان هڪ نالو مولانا منظور احمد سومرو صاحب جو آهي، جن دادو سنڌ جي زمين تي علمي سچائي، تحقيق جي سنجيدگي، ۽ ديني فڪر جي گهرائي جا روشن مثال قائم ڪيا.

علم جي واٽ جو راهي

مولانا منظور احمد سومرو ابتدا کان ئي ذهين، شوقين، ۽ علم سان دلچسپي رکندڙ هئا. سندن فطري رجحان اسلامي علوم ڏانهن هو، جنهن ڪري هو ديني مدرسن ڏانهن رجوع ٿيا ۽ مشهور ۽ معتبر ادارن مان تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيا. هو نہ صرف ديني نصاب تي عبور رکندڙ آهن، پر سندن نظر جديد فڪري چئلينجن تي بہ آهي.

تحقيق جي دنيا جو درويش

مولانا صاحب جو علم تحقيقي ڪم، دليل تي ٻڌل موقف، ۽ حوالن سان ڀريل تحريرون ثابت ڪن ٿيون تہ هو هڪ سنجيده، متوازن ۽ فڪري سوچ رکندڙ محقق آهن. سندن تقريرون علمي معيارن تي پورا لهندڙ ۽ جديد تحقيق جي تقاضائن سان هم آهنگ آهن. خاص طور تي حديث، اصول حديث، تفسير، ۽ فقهي علم جي دنيا ۾ هڪ قيمتي خزانو آهن.

اسلاف جي روايت جو امين

مولانا منظور احمد سومرو جمعيت علماءِ اسلام جو اثاثو آهن هن ساري زندگي دادو سنڌ ۾ رهي ڪري پنهنجي فڪر ۽ عمل سان اسلاف جي علمي، اخلاقي ۽ روحاني روايتن جا امين آهن. سندن شخصيت ۾ عاجزي، انڪساري، تقويٰ، اخلاص، ۽ مروت جو هڪ حسين امتزاج نظر ايندو آهي. هو هميشه دين جي علم کي ذريعو نجات سمجهندا آهن، نه ته شهرت يا شهوت جو وسيلو.

سندن زندگيءَ جو هر لمحوسنت نبوي ﷺ جي مطابق گذارڻ جي ڪوشش ڪندي نظر ايندو آهي. هو عام ماڻهن ۾ رهن ٿا، پر سندن سوچ عام نه آهي. هو درس ڏيندڙ پر سندن خاموشي به علم سيکاري ٿي.

نوجوانن لاءِ مشعل راهه

اڄ جي دور ۾ جڏهن نوجوان نسل مختلف فتنن، فڪري انتشارن ۽ فرقيواريت جي ور چڙهيل آهي، تڏهن مولانا سومرو جهڙا علمي ۽ اخلاقي نمونا اڻ ڳڻين لاءِ روشنيءَ جو مينار آهن. سندن نصيحتون، سندن دعائون، ۽ سندن علمي صحبتون، ڪيترن ئي شاگردن کي فڪر جي سڌي راهه تي آندو.

مولانا صاحب نوجوانن کي صرف علم سيکارڻ تي يقين نه رکندا هئا، بلڪ هو شخصيت سازي، اخلاقي تربيت، ۽ معاشري ۾ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏيندا آهن.

اڄ جڏهن دنيا مادي ترقيءَ جي طرف وڌي رهي آهي ۽ روحانيت، علم، ۽ اخلاص جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي، تڏهن مولانا منظور احمد سومرو جي علمي ۽ اخلاق اسان لاءِ هڪ بي مثال اثاثو آهي. اسانجي لاءِ لازمي آهي ته اهڙن عالمن جي قدر ڪيون، ۽ سندن رهنمائيءَ مان فائدو حاصل ڪريون.

الله تعاليٰ مولانا منظور احمد سومرو صاحب جي خدمتن کي قبول فرمائي، ۽ اسان سڀني کي سندن نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

دادو جو پرجهلوءِ هڪ انمول هيرو: سائين منظور احمد

تحرير: اظهار الحق صديقي

هڪ اهڙي عظيم انسان تي قلم کڻڻ جو موقعو مليو آهي. جيڪو ڪهن به تعارف جو محتاج ڪونه آهي جهن جي شخصيت کهن کان لڪيل ڇپيل ڪونه آهي جنهن جي طبعيت ماڪيءَ جيان مٺي پرڪشش چهرو دليري ۽ فولادي جگر رکندڙ سياست ۽ ڏاهي قسم جو دانشور جيڪو دادو جي علمي ڪم ۽ سوشل ڪم ۽ سياسي رنگ ۾ هر طرح سان صف اول جو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. جنهن جو نالو محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن آهن جيڪي دادو کي هڪ تحفي طور ڏنل تحفو آهي. جيڪو ٻير شريف جي بزرگ مرشد سائين مولانا عبدالڪريم قريشي رح جي طرفان مليل آهي. حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن علم نبوي ٻير شريف مدرسي مان حاصل ڪيو جهن جا استاد ولي ڪامل مرشد سائين مولانا سائين عبدالڪريم قريشي رح هئا پڙهائي جي دؤر ۾ محبوب العلماء جي زندگي ڪجهه ان ريت هئي جو مدرسي ۾ پٽڙو پت ۽ ان سان گڏ ڪا سبزي يا لسي ملندي هئي، پر مرشد سائين مولانا عبدالڪريم قريشي رحہ محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن تي انتهائي شفيق هئا، ان شفقت منجهان هڪ هي قسم به هيو جو محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن جي ماني مرشد سائين مولانا عبدالڪريم قريشي رحہ جن جي گهران ايندي هئي. مرشد سائين جن جي گهرواري امان سائڻ پنهنجي

هٿن سان ماني پچائي محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن ڏي اماڻيندي هئي. جيڪو حڪم مرشد سائين مولانا عبدالڪريم قريشي رحہ جن ڪان امان سائنڻ کي مليل هيو پڙهائي ۾ انتهائي ذهين ۽ هوشيار هوندا هئا. محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن ڪجھ سال ٻين علائقن ۾ بہ پڙهايو پر سائين جن جو علم الله پاڪ جي فضل سان دادو وارن جي قسمت ۾ لکيل هيو. حضرت مولانا منظور احمد سومرو صاحب دادو جي مدرسي دارالفيوض ميمڻ محلا ۾ آيا ۽ اتان سائين جن پنهنجي پڙهائي جو آغاز ان وقت ۾ ڪيو. جهن وقت ۾ شرڪ بدعت ۽ ڪفريت چوٽ جي ميدان ۾ هئي. ان ايڏي ڏکئي وقت ۾ محبوب العلماء پنهنجي سچائي ايمانداري ذهانيت بربادئ ۽ بصيرت سان پنهنجي علم جي ڪم جو آغاز ڪيو جهن جي سچائي کي ڏسي ڪري مدرسي جي ڪاميٽي محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن کي مدرسي دارالفيوض جو مهتمم پڻ ڪيو.مدرسہ دارالفيوض علم سان گڏوگڏ جمعيت ۽ سياست جو مرڪز بہ رهيو.جيڪا بہ محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن جي شخصيت هئي. سائين جن جا هزارين شاگرد مدرسہ دارالفيوض مان علم پرائڻ سان گڏ جمعيت جو ڪم بہ پنهنجي زمي ڪٽي ڪري علائقن ۾ ڪم ڪندا رهيا ۽ جمعيت جي عهدن ته بہ فائز رهيا محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن کي جڏهن دادو ضلعي جو امير منتخب ڪيو ويو ته ان ٽائيم ڪان اڄ تائين سائين جن ان عهدي تي فائز آهن ۽ تقريبن سائين جن بنا مقابلي ان عهدي تي منتخب ٿيندا آيا آهن. علم جي حوالي سان انجمنِ محمدي جي نالي سان دادو جي علائقي ۾ درس قرآن جي موضوعات سان علائقي جي ماڻهن کي جوڙيو هي اهو وقت هيو، جهن وقت

چونڪ بازار يا مين روڊ تي توحيد جا ترانا بلند ڪرڻ ڏوهه تصور ڪيو ويندو هيو، پر ان ايڏي ڏکئي وقت ۾ محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن جماعتي ساٿين جي گهرن کان درس قرآن جا واعظ انجمن محمدي جي پليٽ فارم کان شروع ڪيا ۽ جماعت جڙندي وئي اهڙا ذهن ٺهيا جو وجين خير ٿيا. سائين جن جي محنتن سان اوهو وقت به دادو ڏٺو جو دادو ضلعي جي چونڪن چوراهن ۾ به توحيد رسالت جا نعرا بلند ٿيا ۽ جمعيت علماء اسلام زنده باد به عوام جي ڪنن ۾ وڏي واقعي سان آواز پيا جيڪي به خصلتون انهن جي استاد مرشد سائين مولانا عبدالڪريم قريشي رح جن ۾ هيون. اهي سڀ محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن اپنايون جهن ۾ علم تدريس سان گڏوگڏ مذهبي سياسي ڪمن ۾ به ضلعي دادو ۾ سرگرم رهيا صبح جو طالبن ۽ شاگردن جا اسباق ته منجهند جو عوامي مسئلا ۽ فيصلا ۽ فتوا ته شام جو ضلعي دادو جي ڪهن نه ڪهن ڳوٺ ۾ تقرين جي صورت ۾ توحيد رسالت قرآن جي موضوعن تي عوام کي آگاهه ڪندا رهيا ۽ ڪوڙ سارا ماڻهو جن کي دين جي خبر ئي ڪونه هئي انهن تائين پنهنجي آواز کي پهچايو ۽ توحيد رسالت قرآن جي دولت سان ماڻهن جي دلين کي محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن منور ڪيو. حضرت سائين جن کي ضلعي دادو جي ماڻهن جيءُ ۾ جايون ڏنيون عالمن شيخ الحديث مفتين پنهنجو رهبر ۽ مرشد تسليم ڪيو. اليڪشن ۾ به محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن وڏين پارٽين جي مقابلي ۾ بينا ۽ جمعيت علماء اسلام جي نالي کي ان جي منشور کي عوام تائين پهچايو. مرڪز جمعيت علماء اسلام تائين محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن جي رسائي هي ۽ قائد جمعيت حضرت

مولانا فضل الرحمان صاحب جن محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن کي پنهنجو دوست ۽ ڀاء سمجهندا آهن حضرت سائين مولانا منظور احمد سومرو صاحب صوبائي عهديدار بہ رهيا ۽ موجوده بہ صوبي جمعيت علماء اسلام جا سرپرست ۽ مرڪزي جنرل ڪاؤنسل جا ممبر ۽ ضلعي دادو جي يوآئي جا امير بہ آهن مون کي ياد آهي جڏهن محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن کي برين ٽيمور ٿيو ۽ ڪراچي جي ڊاڪٽرن آپريشن جو چيو ته ان وقت قائد جمعيت مولانا فضل الرحمان صاحب جن کي خبر پئي ته منهنجو ڀاء ۽ دوست ۽ جماعت جو ساٿي بيمار آهي ته ڪراچي جي وڏن وڏن عالمن کي قائد جمعيت فون ڪري چيو ته ڪراچي اسپتال ۾ منهجو دوست داخل آهي ان جي وڃين تبع پرسي بہ ڪيو ڏنل مالي امداد بہ منهنجي طرفان پهچايو ۽ جنهن وقت آپريشن شروع ٿيڻ وارو هيو ان وقت سائين جن جي فرزند کي قائد جي فون آئي ۽ حڪم ڪيائون ته مون کي پنهنجي دوست سان فون تي ڳالهه ڪرايو. محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن سان جڏهن قائد جمعيت فون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ته فرمايون ته اوهان جو هن ٽائيم آپريشن شروع ٿيڻ وارو آهي ۽ مان پنهنجي پالڻهار جي آڏو مصلو وڇائي ڇڏيو آهي، منهنجون دعائون اوهان سان گڏ آهن ۽ محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن فرمايو ته قائد جمعيت جي انهن الفاظن مون کي وڏو حوصلو ڏنو ۽ يقين ٿي ويو ته الله پاڪ مون کي ان مرض مان شفا ڏيندو ۽ آپريشن ڪامياب ٿيندو .جڏهن آپريشن ٿي ويو ته ڊاڪٽرن سائين جن جي فرزند سان مخاطب ٿي ڪري چوڻ لڳا ته اوهان جي والد جو ڪهڙو ڪم آهي ته سائين جن جي فرزند جواب ڏنو ته مدرسي ۾ علم نبوي جي تعليم دين جي طالبن کي ڏيندا آهن ته ڊاڪٽر

چوڻ لڳا ته ائين ئي هوندو اوهو ڇو جو جڏهن اسان سائين جو آپريشن شروع ڪيو ته ايڏي سولي طريقي سان آپريشن ٿيو جو اسان پاڻ حيران ٿي وياسون ته ڪا وڏي شخصيت آهن ۽ وڏيون ان شخصيت ڪي دعائون آهن ان سڄي پراسز ۾ قائد سنڌ علامه راشد خالد محمود سومرو صاحب جن جو به قدم ساراهه جوڳو آهي قائد سنڌ علامه راشد خالد محمود سومرو صاحب جن به وڏي احترام جي نگاهن سان محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن کي ڏسندا آهن ۽ روحاني بابو تسليم ڪندا آهن. جڏهن شهيد اسلام جي شهادت ٿي ۽ ان شهادت کان پو قائد سنڌ علامه راشد خالد محمود سومرو صاحب جن جي پهرين اليڪشن جماعت جي ۾ به محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن جو وڏو ڪردار هيو ۽ قائد سنڌ علامه راشد خالد محمود سومرو صاحب جن جي شهيد اسلام جي سياسي جانشين جي پڳ قائد سنڌ علامه راشد خالد محمود سومرو صاحب جن کي محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن پنهنجي رومال جي پارائي هئي. ضلعي دادو تي الله پاڪ جو وڏو احسان ڇئجي جو محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن دادو جي پڪي ۾ آيا ۽ دادو جي عوام کي ديني علم نبوي جي تعليم سان گڏوگڏ سياسي ذهن ڏنائون ۽ پنهنجي پيار پريت محبتن سان وڏي سني انداز سان ڪم ڪري ڏيکاريائون هن ٽائيم به سائين جن تمام عليل آهن پر پوءِ به دين جو ڪم مدرسه دارالفيوض ۾ جاري رکيو اٿن ۽ ان سان گڏوگڏ جماعت جمعيت علماء اسلام جو به ڪم جاري ساري آهي. الله پاڪ محبوب العلماء حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن کي صحت ڪامله عاجله مسترمه عطا فرمائي ۽ سائين جن جو سايو مون سميت جماعت جي مٿان تادير نصيب فرمائي آمين يارب العالمين

آخر ۾ هي عرض ڪندس ته:

صرف عالم نه پر عالمن جو هتي
سهڻون اڳواڻ استاد رهبر ڏنم
سائين منظور احمد جي چهري تي مان
ڪي ئي انوار حق جا به هردم ڏنم

دعاگو
اظهار الحق صديقي
جنرل سيڪٽري
جمعيت علماء اسلام
ضلع دادو

(ناياب هيرو) حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب سلمہ اللّٰہ

مولانا سردار علي چانڊيو، معلم مدرسہ عربيہ اصحاب صفہ

شيخ العلماء بقيت السلف العالم العامل الحافظ وحيد دهره حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب سلمہ اللّٰہ تعالیٰ تلميذ رشيد امام العصر قطب الاقطاب مفسر القرآن والحديث حضرت سائين عبدالڪريم قريشي نوراللّٰہ مرقده

اسان جي دادو ضلعي ۾ توحيد موحد مساجد مدارس علم عمل ۽ صحيح سياست جو قحط هيو ان وقت اسان جي دادو ضلعي تي اللّٰہ تعالي رحمت ڪري موڪليو حضرت سائين جن ڪي حضرت سائين جن دادو مدرسه عربيہ دارالفيوض المحمديہ ميمڻ محلہ دادو ۾ آيا ۽ محنت شروع ڪيائون.

علمي خدمات

الحمدللّٰہ سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪافي ضلعن مان طالب علم آيا اهي علم و عمل اخلاق حميده ڪان سيراب ٿي ڪري پنهنجن علائقن ۾ علم جي اشاعت لاء مصروف آهن.

الحمد للّٰہ حضرت سائين جن ڪي مدرسہ دارالفيوض ڪي شمس ۽ بدر وانگر روشن ڪيوجنهن جو پوري ملڪ تائين فيض پکڙيو.

پر خصوصن دادو ضلعي تي اللّٰہ تعالي سائين جن ڪي سبب بڻائي خصوصي رحمت فرمائي جو اڄ پوري دادو ضلعي ۾ تقريبن سمورن مدرسن ۾ معلم ۽ سمورن مساجد ۾ امام ۽ خطيب حضرت سائين جن جا تلميذ خدمت دين ۾ مصروف آهن.

پر هاڻي تہ سائين جن جا شاگرد انهن جا شاگرد ۽ انهن جا

شاگرد مصروف تعليم آهن. الحمدالله

مساجد ۽ مدارس لاءِ خدمات

الله تعالي حضرت سائين جن کي ڪثير مدارس جو سبب بڻايو دادو ۾ ڪڏهن اهو وقت به هيو جو مسجدون ۽ مدرسه تمام قليل هئا، حضرت سائين جن پنهنجي علم عمل ۽ زهد سان پلاٽن وارن کي متوجهه ڪيو، جو هر ڪالوني ۾ انهن سنو ۽ وڏو پلاٽ مسجدن ۽ مدرسن لاءِ وقف ڪيو، ان ڪم ۾ سڀ کان گهڻو ڪردار زئونر برادري ادا ڪيو، الله تعالي انهن کي جزاء خير نصيب فرمائي، جو اڄ پوري دادو ضلعي ۾ مساجد ۽ مدارس جي اعتبار سان الحمدالله تمام بهترين جامعات ۽ مساجد ڪثير تعداد ۾ موجود آهن. علماء حق جا ۽ دادو ضلعي سان گڏ ضلع ڄام شورو به ان رحمت سان سيراب آهي. الحمدالله

توحيد و سنت لاءِ خدمات

هڪ وقت اهڙو به هيو جو دادو ضلعي ۾ شرڪ ۽ بدعت جو عروج هيو، جو تبليغ جماعت وارن کي مساجد مان زوري ڪڍيو ويندو هيو ۽ مسجدون ڌوتيون وينديون هيون ۽ تبليغ جماعت وارن کي ايذائڻ عبادت سمجهيو ويندو هيو، ان سان گڏوگڏ پيرن جي مزارن تي نذر و نياز ۽ انهن جي قبرن کي طواف ۽ سجدا ڪيا ويندا هئا.

اسان جي ڳوٺ جي هي حالت هئي جو جانورن سان گڏ ماڻهو پنهنجا ٻچا به پيرن جي حوالي ڪندا هئا، الحمدالله حضرت سائين جن درس قرآن مجيد دادو شهر جي هر هڪ محلي ۾ ڪيا پوءِ ضلعي جي ڳوٺن ۾ وجي درس قرآن شريف ڪيا، جلسا علماء ڪرام جا پوري دادو ۾ ڪرايا، جنهن جي نتيجي ۾ دادو ضلعي مان شرڪ بدعت ۽ غير الله جي پوڄا پاٽ واري باهه جيڪا آسمان سان پئي ڳالهيون ڪري اڄ اها باهه وسڻ جي قريب پهتي آهي.

الحمدلله

جماعت لاءِ خدمات

حضرت سائين جن جي اچڻ کان اڳ ۾ جماعت جو ڪم بلڪل نہ هجڻ جي قريب هيو هڪڙي دفعي خود سائين جن اجلاس ۾ فرمايو تہ ڪو وقت اهڙو هيو جو اسان وٽ عاملہ پوري ڪرڻ جيترا ماڻهو بہ نہ هئا، مخدوم العلماء وصلحاء حضرت مولانا سائين عبدالقيوم هاليجوي دامت برڪاتهم 10 فيبروري 2025 تي ٿيندڙ مجلس عمومي جي اجلاس ۾ بيان ڪندي فرمايو تہ دادو ۾ پهريان 15 ماڻهو بہ عمومي جا نہ هئا الحمدلله اڄ ضلعي جي عمومي بہ 200 جي قريب آهي، هن وقت سائين جن جي ڪاوش سان ضلع دادو جا ڪارڪن هزارن جي تعداد ۾ آهن ۽ دادو جو اهو حال هيو، جو خود حضرت سائين فرمايو تہ قائد ملت اسلاميہ حضرت مولانا فضل الرحمن صاحب دامت برڪاتهم العاليہ جو دورو رکيل هيو، اسان پريشان ٿياسين تہ جلسي ۾ ماڻهو ڪٿان آڻيون، ان جي باوجود بہ قوم پرست چوڻ لڳا تہ اسان مولانا صاحب ڪي جلسو ڪرڻ نہ ڏيندا سين، ان تي اسان جمالي برادري جي سردار ڏاتل خان کان مدد ورتي سون ڇو جو سردار صاحب ۽ انهن جي برادري موحد هئي.

الحمد لله اڄ شهر يا واهڻ جي جلسي سون جي تعداد ۾ ڪارڪن شرڪت ڪن ٿا.

سياسي خدمات

سياست صحيح جو بہ حضرت سائين جن روح ڦوڪيو جو پاڻ اوائلي دور ۾ خود فارم پرائي (MNA) جي سيٽ تي بيٺا استاد الميراث مفتي استاد العماء حضرت مولانا سائين غلام قادر لغاري صاحب نورالله مرقده ڪي (MPA) خيرپورناٿن شاه واري سيٽ تي بيهاريائون ان وقت جي علماء حق تمام وڏي زور و شور سان حضرت سائين جن وارن جو ساٿ ڏنو. الحمدلله.

بلدياتي اليڪشن ۾ حضرت سائين جن پوري ضلعي جي ڪافي سيٽن تي ڪارڪن بيهاريا ان ۾ الحمدﷲ اسان جي ڳوٺ گل محمد چانديو مان ڪائونسلر جي سيٽ مولانا امداداللهٰ سنڌي کٽي ورتي ڪافي سيٽن تي (PPP) وارن منٺ ميڙ جا ڪافلا موڪليا (MRD) جي تحريڪ ۾ پاڻ ملهايائون ۽ مشرف جي دور ۾ سائين جن کي گرفتار ڪيو ويو پاڻ استقامت جي مضبوط پهاڙ وانگي حق جي آواز کي بلند ڪرڻ لاءِ بينا رهيا. الحمدﷲ

تدريسي خدمات

علم ۾ مضبوطي حضرت سائين جن کي الله تعالي ايتري ته بلند عطا فرمائي آهي جو سمورن علماء وٽ اظهر من الشمس آهن.

علم پڙهائڻ ۾ حضرت سائين جن کي الله تعالي تمام ملڪو استعداد قوت فصاحت ۽ بلاغت بيان جو انداز عطا فرمايو جو پنهنجي دور جي فريد عصره جا مصداق آهن.

حضرت سائين جن الحمدﷲ هر علم ۽ فن جا ماهر آهن ڪتاب پڙهائڻ وقت ايئن محسوس ٿيندو آهي جو سائين جن خود ان ڪتاب جا مصنف آهن.

پر خصوصن قرآن ۽ احاديث مبارڪ پڙهائڻ جا تمام گهڻا ماهر آهن جو پنهنجي دور جا حقيقي مفسر القرآن والحديث آهن.

عملي خدمات

حضرت سائين جن عمل ۾ به انتهائي مضبوط آهن اسان ڏٺو ته هميشه سائين جن عشاء جي نماز صرف سنت پڙهي ڪري گهر ويندا هئا ان مان اسان طلباء کي معلوم ٿيو ته استاد ڪريم سائين جن تهجد جا به پابند آهن اڪثر اوقات سائين جن تعليم تبليغ وعظ نصيحت ۾ صرف ڪيائون.

اخلاق حسنه

الله تعالي حضرت سائين جن کي خلق حميده سان به تمام

گهٽو نوازيو آهي جو پاڻ فضول ڪچهري غيبت تهمت ۽ ڪنهن جي اڳيان سوال ڪرڻ مطلب تہ ڪبيره گناهن کان الله تبارڪ وتعالي حضرت سائين جن کي گهٽو پري رکيو آهي ۽ حضرت ۾ الله تعالي اخلاص سچائي ۽ خير خواهي ضرب مثل رکي آهي.

زهد جو عالم حضرت سائين جن وٽ ايترو آهي جو شايد زندگي ۾ پنهنجي ذات لاءِ تہ نهيو پر پر مدرسي لاءِ حضرت سائين جن سوال نہ ڪندا آهن.

سخاوت ۾ بہ حضرت سائين جن کي الله تعالي نوازيو آهي جو سائل کي پيسا ۽ ڪپڙا ۽ عنايت فرمائيندا آهن تحمل حضرت سائين جن جو ايترو آهي جو انتهائي بيماري جي حالت ۾ بہ حضرت سائين جن کي بي صبري کان الله تعالي پاڪ رکيو آهي.

اديب

حضرت سائين جن انتهائي اديب بہ آهن، اسان کي حضرت سائين نوازالله الحسني صاحب دامت برڪاتهم قرآن مجيد جو درس مڪمل پورو ڪيو ۽ آخر ۾ معوذتين جي درس ڏيڻ لاءِ امام السالڪين جاء نشين امام العصر حضرت سائين عبدالعزيز ٻير شريف وارن کي مدعو ڪيائون، حضرت سائين جن مرشدي عصر جي آذان وقت پهتا حضرت سائين جن ڪين عرض ڪيو تہ عصر نماز پڑهي پوءِ درس ڪيو مرشدي حضرت فرمايو تہ صحيح آهي نماز پڑهي پوءِ درس ڏيندا سون پوءِ حضرت مرشد ڪريم کي وني آيا مسجد ۾ تہ ڪجھ ٽائيم نماز ۾ هيو مرشد ڪريم پاڻ اڳين صف ۾ ويهي رهيا حضرت سائين جن اڳين صف ۾ جاءِ هوندي بہ پوئين صف ۾ وينا پر گوڏا پيجي ادب سان وينا حالانڪ مرشد ڪريم حضرت سائين جن کان گهٽا ننديا بہ آهن پر استاد جي اولاد جي ڪري ايترو ادب ڪيائون مان عاجز ٻير شريف ويس انتي حضرت سائين جن کي خبر پئي تہ مون کي فرمايائون تہ توهان ٻير شريف ويا هيو ڪجھ حال احوال ڏيو:

مان عرض ڪيم ته سائين جن پاڻ ڪونه هئا انتي مون کي فرمايائون ته اسان پير شريف جي وڻ کي به ڏسندا آهيون ته اسان کي سڪون ملندو آهي

نصيحتون

1- حضرت سائين جن جون ڪجھ نصيحتون جڏهن اسان جي دستار فضيلت جو جلسو ٿيو ته اسان سڀ ساٿي حضرت سائين جن کان موڪلائڻ وياسين انتي حضرت سائين جن نصيحت ڪندي فرمايو ته توهان مولوي ٿي ويا آهيو دين جو ڪم ڪرڻ ان لاءِ سولو آهي جيڪو پاڻ کي دين جو خادم سمجهي ڪري دين جي خدمت ڪندو ان کي دين جي خدمت آسان لڳندي ۽ جيڪڏهن پاڻ کي مولوي سمجهي خدمت ڪندو توهان کي خدمت ڪرڻ تمام ڏکي لڳندي ڇو ته توهان چوندو اسان خود مولوي آهيون تنهن جي ڪري اسان جي خدمت ڪئي وڃي.

۽ توهان مهتمم کي پنهنجو محسن سمجهو ڇو ته توهان جي ضرورت کي وظيفي جي صورت ۾ پورو ڪري ٿو ڇو ته توهان مولوي ٿي ڪري ذميواري قبول ڪئي آهي اهو مهتمم توهان جي ذميواري پوري ڪرڻ ۾ توهان جو محسن ۽ معاون آهي تنهن ڪري مهتمم کي به محسن سمجهو.

2- هڪ پيري اسان جي ڳوٺ ۾ جلسه دستار فضيلت ۾ حضرت سائين جن پاڻ قرب جا قدم مبارڪ کڻي ڪري آيا اچڻ سان ئي مون کان پڇيائون ته ته مولوي فارغ تحسيل ٿيڻ وارن ۾ ڪو ڳوٺ جو مولوي به آهي ان تي مون غرض ڪيو جي سائين ڳوٺ جو هڪڙو طالب علم مولوي ٿيو آهي پاڻ فرمايائون جيڪڏهن ڳوٺ هڪڙو به فارغ ٿيندڙن ان نه هجي ها ته اها ڳالهه تمام خراب هجي ها.

3- حضرت سائين جن مون کي فرمايو ته قرآن مجيد جو درس ڏيندا آهيو مون عرض ٿجي سائين انتي حضرت سائين جن فرمايو

تہ پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ دفعو پوري قرآن مجيد جو درس ڏيڻ واجب آهي ۽ ٽي دفعا ڏيڻ بهتر آهي قرآن مجيد جا ٽي دفعا ختما ڪيڻ مولوي جي مٿان ضروري آهي پوءِ ڳوٺ وارا ان تي عمل ڪن يا نہ ڪن پاڻ فرمايائون تہ حضرت سائين ٻير وارن درس ۾فرمايو تہ درس مڪمل ڪري مولوي پنهنجي ذميواري پوري ڪئي آهي هاڻي توهان جي ذميواري آهي عمل ڪيو يا نہ ڪيو.

حضرت سائين جن جون نصيحتون تمام گهڻيون آهن ڪجھ عرض ڪيون سين.

غير مسلمن ڪي مسلمان ڪرڻ

جڏهن اسان پڙهندا هئا سين تہ ان وقت ڪان اڄ تائين ڪافي دفعا حضرت سائين جن جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪري غير مسلم مسلمان ٿيا

اظهار تشڪر

آخر ۾ آئون مهربان علم دوست مولانا چوهاڻ سليم الله سنڌي صدر مجلس علماء سنڌ جن جو نهايت ئي ٿورائتو آهيان جن مون کي سائين منظُر احمد سومري صاحب جن بابت لکڻ جو فرمايو. حقيقت هي آهي تہ مون حضرت سائين جن تي روشني نه وڌي آهي. بلڪ حضرت سائين جن سج وانگر روشن آهن، انهن جي نوراني ڪرڻي کي پنهنجي اندر ۾ وجهي پاڻ کي ظاهر ڪيو آهي.

خادم علماء و صلحاء طالب علم

سردار علي چانڊيو

معلم مدرسہ عربيہ اصحاب صفہ

ماڻڪ موتي

مولانا سعيد احمد ظاهر کوهارو

سنڌ جي مردم خيز مٽيءَ مان هر دور ۾ عظيم انسانن جنم ورتو آهي جن پنهنجي خداداد صلاحيتن سان سنڌ جي سيني ۾ خوبصورت رنگ ڀريا آهن.

انهن املهه ماڻڪ موتين مثل ماڻهن مان هڪ شخصيت شيخ الحديث حضرت سائين منظور احمد سومري صاحب دامت برڪاتهم العاليه جي آهي.

حقيقت ۾ فقيه العصر حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي مرشد، مربي ۽ استاد امام العصر حضرت سائين عبدالڪريم قريشي رحمه الله جن جي علمي، عملي، نظرياتي ۽ سياسي نسبتن جا امين آهن.

حضرت سائين منظور احمد سومرو صاحب دامت برڪاتهم العاليه کي رب العالمين علم، عمل، ادب، تدريس، تقرير، تاريخ ۾ مهارت سان گڏ حالات حاضره تي لاڀائتي تجزيه نگاري جي خاص خوبي سان نوازيو آهي.

نظرياتي ۽ سياسي اعتبار سان حضرت سائين منظور احمد سومرو صاحب دامت برڪاتهم العاليه جن جو تعلق جمعيت علماء اسلام سان آهي، جمعيت علماء اسلام ضلع دادو جا امير ۽ جمعيت علماء اسلام صوبه سنڌ جا سرپرست آهن اها حضرت سائينجن جن جي قائدانه صلاحيت آهي جو ضلع دادو ۾ مسلسل ۽ اڪثر انٽرا پارٽي انتخابات ۾ بلا مقابله امير منتخب ٿيندا پيا اچن.

حضرت سائين منظور احمد سومرو صاحب دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي دور امارت ۾ جمعيت علماء اسلام جي لاءِ ڪيئي

نظرياتي نوجوان علماء اڪرام تيار ڪيا آهن جيڪي جيڪي پنهنجي ديگر ذاتي مصروفيات سان گڏ فڪري، نظرياتي ۽ سياسي جدوجهد ۾ بہ مصروف عمل آهن ان حوالي سان جيڪڏهن حضرت سائين منظور احمد سومرو صاحب دامت برڪاتهم العاليہ کي جمعيت علماء اسلام جي نظرياتي عمارت جي پيڙهہ جو پٿر چئجي تہ ڪو بہ وڌاء نہ ٿيندو.

راقم الحروف جي بد ذوقي چئجي يا طبعيت جي مردم بيزاري چئجي مان ڪڏهن بہ ڪنهن جي غير ضروري جبن، قبن، لقبن، مصنوعي لهجن ۽ پر تڪلف لفظن مان متاثر ناهيان ٿيندو پر الحمد لله حضرت سائين منظور احمد سومرو صاحب دامت برڪاتهم العاليہ کي مون هميشہ انهن شئين ۽ هر قسم جي مصنوعيت ۽ تڪلف کان بي نياز هوندي ڏٺو آهي اها خود اعتمادي ۽ خودداري واري وصف حضرت سائين منظور احمد سومرو صاحب دامت برڪاتهم العاليہ جن ۾ ڪمال درجي جي موجود آهي.

اگرچہ مون کي بلاواسطہ سائين جن جي حلقہ تدريس مان استفادي جي موقعو ناهي مليو، پر ڪيئي مرتبہ سائينجن جي علمي گفتگو مان استفادي جو موقعو ضرور مليو آهي هميشہ ۽ هر دفعي سائينجن جي گفتگو متاثرڪن ۽ لاجواب رهي آهي مختلف موضوعات تي سائين جن کان استفادي جو موقعو مليو انهن مان ڪجهہ موضوعات هي آهن:

1- علم ۽ فن ۾ فرق؟

علم کي فن ۽ فن کي علم سجهڻ جي غلط فهمي،

2- محبت ۽ عشق ۾ فرق؟ (مدرسہ تاج الهدي سيتاروڊ ۾)

قرآن ۽ حديث ۾ لفظ محبت جو ڪثرت استعمال ۽ لفظ عشق جي عدمِ استعمال جو سبب؟ سواء هڪ ٻن روايتن جي (ڏنگر ڳوٺ ۾)

3- وقفِ مسجد جا احڪام ۽ متولي جي حيثيت (مدرسہ تاج العلوم ڪي اين شاھ ۾)

4- جمعيت علماء هند کان الگ ٿي ڪري جمعيت علماء اسلام جو بنياد وجھندڙ اڪابرين علماء اڪرام ۽ جمعيت علماء اسلام جي قيام جو سياسي، تاريخي ۽ نظرياتي پسمنظر (جامعہ دارالفيوض دادو ۾)

5- جماعت اسلامي کان ڈاڪٽر اسرار احمد جي الڳ ٿيڻ جو سبب؟ ۽ تنظيم اسلامي جي قيام جو پسمنظر (ڏنگر ڳوٺ ۾)

انھن موضوعن تي مختلف مجلسن ۾ حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب دامت برڪاتھم العاليہ کان استفادي جو موقعو مليو الحمد انھن موضوعن تي سائينجن اھڙي تہ فصيح، بليغ ۽ مدلل گفتگو فرمائي جو سامعين سائين جن جي وسيع مطالعي ۽ زبردست استدلالن تي رشڪ ڪرڻ لڳا- ھڪ دفعي سائينجن مدرسہ فاروقيہ احسن العلوم ڪي اين شاھ ۾ پنھنجي اڙدو نعت ٻڌائي جيڪا سائينجن فرمايو تہ مان مدينہ منوره ۾ روضہِ رسولﷺ جي پرسان ويھي پڙھي آھي انتھائي خوبصورت مؤدبانہ انداز ۾ درد دل تي مشتمل نعت ھئي ان نعت جا ڪجھ مصرعا مون پاڻ وٽ لکي رکيا ھئا پر ڪوشش جي باوجود اھو ڪاغذ نہ لڌو ھاڻي جڏھن بہ سائين جن جي زيارت جو موقعو مليو تہ اھا نعت سائين جن کان لکرائي محفوظ ڪبي ان شاء الله تعاليٰ.

جامعہ دارالفيوض دادو جي خوبصورت امارت، بھترين تعليمي معيار ۽ قابل فضلاء جي فراغت جن جي اڪثريت جو شعبہ تدريس سان وابستہ ھجڻ حضرت سائين منظور احمد سومرو صاحب دامت برڪاتھم العاليہ جي قابل تقليد اھتمام ۽ انتظامي صلاحيت جو ثبوت آھي.

هينئر بہ سائينجن جسماني ضعف ۽ ڪمزوري جي باوجود بہ

علمي ۽ عملي اعتبار جمعيت علماء اسلام ضلع دادو ۽ جامعہ دارالفيوض دادو جا روح روان آهن.

رب العالمين حضرت منظور احمد سومرو صاحب دامت برڪاتهم العاليہ کي مزيد صحت ۽ تندرستي واري بابرڪت زندگي عطا فرمائي جيئن اسان سائينجن جن جي علمي، عملي، فڪري ۽ نظرياتي صلاحيت مان مستفيد ٿيندا رهون آمين يا رب العالمين

شيخ الحديث حضرت مولانا منظور احمد صاحب سومرو

مولانا سعد الله سومرو

1989ع ۾ آئون جڏهن جي ٽي آئي (j.t.i) ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ جميعت علماءِ اسلام صوبي سنڌ طرفان درگاهہ بيرشريف ۾ ٿيندڙ سالانہ ٽي روزه تربيتي ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪرڻ شروع ڪئي تہ ان وقت جماعت طرفان ڏنل موضوع تي فڪري ۽ نظرياتي بنيادن تي نوجوان نسل جي تربيت ڪندڙن ۾ هڪ نالو حضرت مولانا سائين منظور احمد صاحب سومري جو نالو نمايان نظر آيو. پاڻ هر سال پابنديءَ سان ان ڪنوينشن ۾ ايندا رهيا ۽ اسان جهڙن نون نوجوان ساٿين سان شفقت ۽ پيار ڀريو ورتاءُ ڪندا رهيا.

ان زماني کان حضرت مولانا منظور احمد صاحب سومري سان تعلق قائم ٿيو، جيڪو هن وقت تائين قائم ۽ دائم آهي. مون ناچيز سان جڏهن بہ جتي بہ ملندا آهن تہ ڏاڍي پيار، محبت ۽ شفقت ڀري انداز سان ملندا آهن ۽ حال احوال وٺندا رهندا آهن. سائين جن سان ملي مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. جنهن بہ پروگرام ۾ سائين منظور احمد صاحب سومرو ايندا آهن تہ ڪوشش ڪري بہ ساڻن ملاقات ڪندو آهيان.

پاڻ اصل ڪنڊياري جا آهن پر دادوءَ ۾ تقريباً 30/ 35 سال مسلسل رهڻ ڪري ۽ مسلسل جمعيت علماء اسلام ضلع دادوءَ جا ضلعي امير ٿيڻ ڪري هاڻ سندن شناخت دادوءَ واري سان ٿئي ٿي.

حضرت مولانا منظور احمد صاحب سومرو امام العصر حضرت سائين بيرشريف وارن جا لائق ۽ فائق شاگرد آهن. پاڻ درگاهہ بير شريف ۾ 7 سال پڙهي 1967ع فارغ ٿيا. ان وقت کان هن وقت تائين

مسلسل درس ۽ تدريس ۾ مشغول رهندا پيا اچن. پاڻ هن وقت ٻه دادوءَ جي مشهور ۽ قديم ديني اداري دار الفيوض محمديه ۾ صدر مدرس ۽ شيخ الحديث جي حيثيت ڪم ڪن پيا.

مرحوم حضرت مولانا امير حمزه چاچڙ ۽ مون ناچيز ڳڏجي جماعت جي مشوري سان جمعيت علماء اسلام سٽي خيرپور طرفان 1999ء ۾ هڪ ماهوار پروگرام بعنوان "درس قرآن" شروع ڪيو، جيڪو مسلسل تقريباً 10 سال پابنديءَ سان ٿيندو رهيو. حضرت مولانا امير حمزه چاچڙ جن هڪ پروگرام لاءِ شيخ الحديث حضرت مولانا منظور احمد صاحب سومري جن ڪان وقت ورتو. پاڻ سائين جن ان پروگرام ۾ شرڪت ڪري قرآن پاڪ جو درس ڏنو ۽ بعد آيل سائين جي ڪيل سوالن جا جواب بهترين انداز ۾ دليلن سان ڏنائون. پروگرام ۾ شريڪ شهر رهواسين حضرت مولانا منظور احمد صاحب سومرو جي انداز کي نهايت پسند ڪيو.

سترهن پروگرامن تي مشتمل هڪ ڪتاب ديني مسئلا ۽ انهن جو حل مرتب ڪيو. ان ڪتاب ۾ حضرت مولانا منظور احمد صاحب سومري جن ڪان آيل سوال ۽ سائين جن جي طرفان ڏنل جواب ان ۾ موجود آهن.

ڏٽي در دعا آهي ته الله تعالي حضرت مولانا سائين منظور احمد صاحب سومري جن کي هميشه سلامت رکي (آمين)

فقيه العصر حضرت سائين منظور احمد سومرو هڪ بيمثال شخصيت--!!

مولانا محمد انور ڪوهارو ڪي اين شاه

امام العصر حضرت اقدس سائين عبدالڪريم قريشي ٻيروارا نورالله مرقده جن جيڪي انمول هيرا تيار ڪيا هيئرتائين ڪو به اهڙي عظيم افراد سازي نہ ڪري سگهيو آهي، سندن جو هر هڪ شاگرد علم ۽ عمل جو پهاڙ ثابت ٿيو آهي، جيڪي نہ صرف درس و تدريس جا ماهر ٿيا بلڪ تحريڪي ميدان ۾ بہ پنهنجا جوهر ڏيکاريندا رهيا، جيڪو جتي بہ ويو اتان جي ماحول کي رنگي ڇڏيائين.

امام العصر حضرت سائين ٻيروارن جي انهن عظيم شاگرن ۾ هڪ بيمثال ۽ منفرد شخصيت جو نالو حضرت مفتي منظوراحمدسومرو حفظ الله آهي.

جنهن کي علمي ڪمالات ۽ بيمثال ڏاهپ کي ڏسي باذوق طبعيتن "فقيہ العصر" جي لقب سان سڏڻ شروع ڪيو ۽ ان ۾ ڪوبہ مبالغو نہ آهي ڇو تہ جڏهن بہ جنهن مدبرانہ گفتگو کي ٻڌو اهو ازخود پروانو ٿي ويو، پنهنجي موقف کي بيان ڪرڻ جو خوبصورت سليقو، جيڪو دليل سان مزين بہ ۽ سليس بہ اهو ڏانء قدرت وارو ڪنهن ڪنهن جي طبعيت ۾ وديعت فرمائيندو آهي، مون زندگي جا ڏهن سال حضرت اقدس جي شفقت هيٺ تعليم پرائي هر هڪ استاد جو پنهنجو مقام ۽ مرتبو آهي پر حضرت سائين جي لاء ببانگ دهل اها ڳالهہ چئي سگهان ٿو تہ سائينجن نہ صرف الفاظ و معاني جا سبق پڙهايائون بلڪ پنهنجي باڪمال اخلاق ۽ بي داغ ڪردار سان عملي طور جيڪا تربيت ڪيائون مون پنهنجي زندگي ۾ اهڙو بيمثال مربي ۽ محسن نہ ڏٺو، رعبدار چهرو اهڙو جو پهرين نظر ۾ ڏسڻ وارو اڳيان ڳالهائي سگهڻ جي بہ همت نہ ڪري سگهي پر جڏهن ساڳيو شخص

ويجهڙائي اختيار ڪري ته ماڪي ڪان وڌيڪ مٺو ۽ مکڻ ڪان وڌيڪ نرم محسوس ڪري وٺندو آهي.

طالبي جي دور ڪان وٺي حضرت سائين سان منهنجون طويل ڪچهريون ٿينديون رهيون آهن، ڪوشش رهندي آهي ته روايتي ڳالهين ڪان هٽي ڪري ڪن قيمتي ۽ اهم موضوعن کي ڇيڙجي هر ڪچهري ۾ ڪونه ڪو نئون موضوع ضرور بحث هيٺ ايندو آهي پر جنهن به موضوع تي ڳالهائڻ شروع ڪن ته عقل دنگ رهجي ويندو آهي جڏهن تواريخ تي ڳالهائن شروع ڪن ته ائين محسوس ٿيئي ڄڻ هاڻي ان ڪتاب جي مطالعو ڪري آيا هجن، واقعات برزبان ياد, ڪنهن بادشاهه, جرنيل يا ڪنهن تاريخي شخصيت جو تذڪرو شروع ڪن ته ائين لڳي ڄڻ ان سان گڏ زندگي گذاري آياهجن, ڪو فقهي مسئلو پڇئون ته دليلن جا انبار لڳي وڃن جي سياست تي ڪلن ته سمجهه ۾ اچي ته سياست جي سيني داءَ پيچ ڪان واقف هڪ عظيم سياسي رهنما آهن پر جي ڪيڏي مهل ادبي ذوق اڇل ڪائي ۽ ڪو ادبي سوال ڪري ويهون ته پوءِ اقبال ڪان وٺي فراز، شيخ سعدي ڪان وٺي متنبي ۽ امراء القيس جا برزبان ياد شعر ۽ انهن شعرن جون دلنشين تشريحون ٻڌائي باذوق سامعين کي جهومائي ڇڏين ۽ ڪڏهن ته تصوف جو پيچيده بحث به ڪليو پر جڏهن پنهنجي مخصوص انداز سان انتي روشني وڌائون ته بي اختيار دل تصوف جي ميدان جو هڪ باڪمال شيخ ۽ مرشد"مڃڻ تي مجبور ٿي.

امام العصر حضرت سائين پيروارن نورالله مرقده جي صحبت ته پاڻ کي نصيب ڪانه ٿي پر انهن جي باري ۾ جيڪو ٻڌو ۽ پڙهيو آهي ان بنياد تي ائين چئي سگهجي ٿو ته پاڻ نورالله مرقده پنهنجي هن هونهار ۽ باڪمال شاگرد جي اهڙي ته باڪمال تربيت ڪري ويا آهن جو هڪ ئي شخصيت جي اندر ۾ هزارين خوبيون سمائجي ويون اهڙين شخصيتن جي لاءِ حضرت شاهه ڀٽائي رح چئي ويو:

ماٺهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي

سنڌ جو يگانو مفتي
حضرت مولانا سائين مفتي منظور احمد سومرو صاحب

مولانا عبد العزيز کوهارو خير پور ناٿن شاهه

علم، ادب ۽ تقوي جا اهي عظيم ڏيئا آهن جنهن جي ڏسڻ، ملڻ سان ئي اندازو ٿي وڃي ٿو تہ اڄ کنهن علم جي درياهہ ۽ سمنڊ کي ڏسڻ، ملڻ ۽ فيضياب ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي .پاڻ امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي ٻير شريف رح جا ذهين ۽ مايہ ناز شاگرد آهن. علم التفسير، فقهہ، فلسفہ ۽ علم ڪلام سان گڏ موجوده دور جا ڏاها ۽ پارکو آهن.

فقهي مسئلن جي حل لاءِ ڪين پوري سنڌ جا عالم سڳورا هن در جا سلامي پريندا رهندا آهن، سائنسي دور ۾ جديد فقهي مسئلن کي حل ڪرڻ سائينجن جي سڄي هٿ جو کهيل آهي. تقوي ۽ بزرگي ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهن.

ڪالاباغ ڊيم جي ناجائز هجڻ جو پهريون شرعي فتوي سنڌ جي ٻين عالمن کي گڏ ڪٺي پيش ڪرڻ وارو بہ سائين منظور احمد سومرو ئي آهن، پوري پاڪستان جي مدرسن جي تنظيم وفاق المدارس جي ڪافي فيصلن کي چيلينج ڪري علم جي روشن چراغ کي هوائن جي جهوٽن کان بچائڻ وارا بہ سائين منظور احمد سومرو آهن ڪين ڪينل قدم ۽ ڪيل خدمتون سندس جي تاريخ جو حصو آهن، ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ جمعيت علماء اسلام جي پليٽ فارم تان مسلسل جدوجهد ۽ مزاحمتي سياست ۾ سائين جن جو عظيم ڪردار رهيو آهي جمعيت علماء اسلام

جي مرڪزي اجلاسن ۾ سندس جي مدلل راءِ جي آڌون چنگا ڀلا عالم سڀَورا بہ خاموش نظر ايندا آهن دادو ضلعي اندر سوين عالم ۽ مدرسا بہ سندس جي محنت جو ڦل آهن پوري سنڌ ۾ سندس جا سوين شاگرد ۽ هزارين عقيدت مند موجود آهن علم التفسير جا ايترا تہ ماهر آهن جو هڪ هڪ آيت تي ٿي ٿي ڪلاڪ گفتگو ڪرڻ تفسير قرآن جا تاريخي پسمنظر ۽ فقهي مسئلن کي اهڙي انداز سان پيش ڪرڻ جو بڌل گفتگو هميشہ لاءِ ذهن ۾ سمائجي وڃي سندس جي پڙهائڻ جو جو انداز ايترو جامع هوندو آهي جو سوين پيدا ٿيندڙ سوالن جا جواب سندس جي سمجهاڻي مان ئي ملي ويندا هئا سندس جي ذهانت ۽ حافظو ايترو تہ تيز آهي جو هڪ دفعي اصحاب ڪهف جي واقعي تي گفتگو ڪري رهيا هئا سائين جي دوستن منجها هڪ عالم سڳورو بہ وينو هو جنهن سائين کان بي تڪلفي مان پڇو تہ ڀلا اصحاب ڪهف جا نالا ياد اٿئي.؟ جنهن تي سائين فرمايو: ها (1)الهي مبجرمت (2) يمليخا (3) مڪسلمينا (4) ڪشفوطط (5)طبيونس (6) يوانس (7) بوس قطمير.

سائين جي ذهانت ۽ حاضر دماغي تي اسان دنگ رهجي وياسين.

هڪ دفعي جو واقعو آهي تہ مدرسہ دارالفيوض دادو ۾ ششماهي امتحانن وقت سائين منظور احمد سومرو عربي ڪتابن جا امتحان وٺڻ لاءِ دارالحديث ۾ آيا ۽ هڪ وڏن ڪتابن وارو شاگرد سائين کي امتحان ڏيڻ اندر ويو سائين فريايو ابا! پهريان قرآن پاڪ ڪنهن بہ ٻن ٽن آيتن جو ترجمو پڙهہ! جڏهن ان ترجمو پڙهي پورو ڪيو تہ پاڻ فرمايائون هاڻي ان ترجمي جي تشريح ۽ وضاحت لاءِ حديثون پيش ڪر تہ تنهنجي حديث مبارڪ جي ڪتابن جو امتحان ٿي ويندو. جڏهن شاگرد پنهنجي حال آهر ائين ڪيو تہ پاڻ فرمايائون هاڻي هنن آيتن جي ترجمي ۽ تشريح مان جيڪي فقهي

مسئلا ثابت ٿين ٿا، تن لاءِ امام ابو حنيفه ۽ امام شافعي جي وچ ۾ اختلاف کي بيان ڪر ته تنهنجي فقه جي ڪتابن جو به امتحان ٿي ويندو! جڏهن شاگرد ڏڪي ڏڪي ڪجهه بيان ڪيو ته سائين جن فرمايو ته ابا! هاڻي ساڳي مسئلي تي امام ابو حنيفه ۽ امام شافعي اختلاف جي وجه ۽ سبب تي دليل پيش ڪر تنهنجي اصول فقه جي ڪتاب جو به امتحان ٿي ويندو، تڏهن شاگرد کي جيڪو ڪجهه ياد هئو هن اهو ڪجهه بيان ڪيو ته پاڻ فرمايائون ته هاڻي انهن آيتن جي الفاظن جي لغت، اشتقاق ۽ لفظي معني ڪر ته تنهنجي عربي ادب جي ڪتاب جو به امتحان ٿي ويندو. بهرحال هڪ آيت سڳوري تي تفيسر، حديث، فقه، اصول فقه ۽ عربي ادب جو امتحان ورتائون.

حضرت مولانا منظور احمد سومرو

مولانا اعجاز علي سوڍر ڊاڪٽورل ڪينڊيڊيٽ ميهڙ

الله رب العزت حضرت انسان منجهہ جيڪي لازوال ۽ انمول اوصاف رکيا آهن انهن وصفن ۾ علم، ادب، احترام، همدردي، ٻين لاءِ آساني پيدا ڪرڻ ۽ ٻين ڪي انسانيت جا پاٺ پڙهائي معاشري جا بهترين فرد بنائڻ شامل آهي. علم جي حصول لاءِ سفر ڪرڻ ۽ جاکوڙ ڪرڻ اهل علم جي پسنديده مشغوليت رهي آهي. الله رب العزت علم جي صدقي ماڻهن جي دلين ۾ اهڙن انسانن جي عظمت ويهاري ڇڏيندو آهي. مون جڏهن پنهنجو ڪتاب "مَهان ماڻهو ميهڙ جا" لکڻ جي سلسلي ۾ مواد گڏ ڪرڻ لاءِ دادو شهر طرف سفر ڪيو تہ پنهنجو ارادو ان مَهان هستيءَ سان ملاقات ڪرڻ ۽ زيارت ڪرڻ جو هو، جنهن جي عمده اخلاق، عظيم ڪردار ۽ علم جي اونچائيءَ جا چرچا ٻڌندو رهيو هئس. هن بزرگ جي باري ۾ مشهور ٽيل ڳالهہ جي پرک ڪرڻ ۽ علم جو امتحان وٺڻ تہ پري جي ڳالهہ رهي جنهن جو تصور ڪرڻ بہ پنهنجي لاءِ بربادي سمجهان ٿو پر پنهنجي اکين سان هلِي ڏسڻ، پنهنجي ڪم علميءَ جو اعتراف ڪندي سندس علمي ۽ عملي اورچائي جي ٿورڙي جَهلڪ ڏسڻ لاءِ، سندس صبر ۽ برداشت جو ڪِرٽو پاڻ پسڻ لاءِ بنا اطلاع ۽ بنا وقت وٺڻ جي اوپرو ئي سِڌو "مدرسہ دالفيوض المحمديہ" دادو ۾ حاضر ٿيس.

دادو شهر جي ڪنهن بہ مدرسي ۾ وڃڻ جو هي منهنجو پهريون اتفاق هيو. هن مدرسي ۾ مون ڪي ڪوبہ سڃاڻڻ وارو ڪونہ هو. نہ ڪنهن سان دعا سلام هيو ۽ نہ ئي ڪنهن سان ڪا واقفيت هئي. مان جيئن ئي مدرسي ۾ داخل ٿيس، اوپرو ماڻهو

هيس، اتي موجود ڪجھ طالب علمن جي نظرن جو گويا مرڪز بڻجي ويس. مون کي سلام جو جواب ڏئي هٿ ملائي سواليہ نظرن سان ڏسڻ لڳا. مون کيس ٻڌايو تہ بابا مون کي سائين مولانا منظور احمد سومرو صاحب سان ملڻو آهي. اهو ٻڌڻ شرط مون کي دارالحديث طرفان هلڻ لاءِ اشارو ڪيائون. مان دارالحديث ۾ سائين جي اچڻ لاءِ منتظر ويهي رهيس. سائين کي منهنجي اچڻ جو اطلاع ڏنو ويو. جيسيتائين سائين اچي تيسيتائين مون کي کائڻ پيئڻ لاءِ ڪافي ڪجھ مهيا ڪيو ويو. مان انهيءَ ٻُڌ تر ۾ هيس تہ هڪ تہ بنا اطلاع جي، بنا سائين جن سان رابطو ڪرڻ جي مِلڻ لاءِ اچي حاضر ٿيو آهيان. خبر ناهي سائين موٽ ۾ ملاقات لاءِ وقت ڏيندو بہ يا ائين ئي بنا مِلڻ جي روانو ڪندو. پر جڏهن منهنجي خاطر مدارت ٿيڻ لڳي تہ مون کي اندازو ٿي ويو تہ سائين سان ان شاء الله ملاقات ضرور نصيب ٿيندي. ڪجھ دير ڪان بعد ۾ ڏٺم تہ نوراني چهري وارو، ميندي سان رڱيل ڳاڙهي ڏاڙهي مبارڪ سان هڪ بزرگ نمودار ٿيو. اچڻ شرط سلام ورائي ڏاڍي چاهہ ۽ اڪير سان اچي مِليو. گڏجي ويهي رهيو. پهريان خوش پلائي ڪرڻ ڪان بعد چوڪري کي سڏ ڪري منهنجي کائڻ پيئڻ لاءِ ڪجھ چيائين. مون عرض ڪيو تہ سائين الحمدللّٰه گهڻو ڪجھ هتي ئي کاڌو ۽ پيتو اٿم. اهو ٻڌي چوڻ لڳس تہ بابا! سائين لاءِ مانيءَ جو بندوبست ڪريو. مون ڏاڍو انڪار ڪيو، پر فرمائين تہ بابا اهو ميزباني جو اصول آهي تہ مهمان جي منع ڪرڻ باوجود اگر مانيءَ جو وقت هجي تہ پوءِ بہ ماني ضرور کارائجي. سو بابا توهان خاموش رهو، اسان کي پنهنجي خدمت ڪرڻ ڏيو. مون ڪان جڏهن منهنجو تعارف ۽ اچڻ جو مقصد ٻڌائين تہ (منهنجي حيثيت ان وقت هڪ طالب علم جي هئي ۽ ڪتاب لکڻ جي سلسلي ۾ ڪجھ معلومات وٺڻ مقصد هو) پلٿِي هڻي ويهي رهيو. مون سان جڏهن ڪچهري ٿي تہ مون کي

تعجب لڳو ۽ مون کانئس اهو سوال ڪري ورتو ته توهان اصل ڪندبيارو جا آهيو؟ (مون کي پهريان اهو معلوم نه هو ته سائين جن ڪندبيارو جا آهن) سائين جن فرمايو ته جي ها آءٌ ڪندبيارو جو ئي آهيان. مون کي پڪ ٿي ته ڪندبيارو جي ڳوٺ چنيهاٽي تي رب جي رحمت وسي آهي. انهيءَ ڳوٺ جي علامه حضرات ۾ حضرت مولانا محمد قاسم بن مولانا محمد ادريس سومرو، حضرت مولانا مفتي ڊاڪٽر محمد ادريس (السندي) سومرو سر فهرست آهن. هن خاندان جو ڪو شان نرالو رهيو جو هنن ۾ علم جو ساگر نسل در نسل موجز رهيو آهي. هي خاندان تصنيف ۽ تاليف ۾ به نمايان رهيو آهي ته وري حڪمت ڪرڻ، خطاطي ڪرڻ، ڪتاب پڙهڻ ۽ جمع ڪرڻ ۾ به ڏاڍو حريص رهيو آهي. ڪتابن جي ذوق واري هڪ ٻي شخصيت محترم سائين محمد عثمان عباسي جي به ذهن تي تري آئي. انهيءَ ڳالهه کي سامهون رکي هيڏي هوڏي نِهاريم ته مون کي مدرسي منجهه به ڪافي ڪتاب نظر آيا.

جڏهن سائين سان ويهي ڪچهري ڪرڻ لڳس ته سائين مون کي علم جو انبار نظر آيو. سندس الفاظن جي ادائگي ۾ مون کي پنهنجي مدرسي جامعة الرشيد ڪراچيءَ جي اساتذه ڪرام جي جهلڪ نظر آئي. جهڙو وٽس ديني درسي ڪتابن جو علم نظر آيو تهڙو تاريخ کان واقفيت نظر آئي. سندس احترام ۽ اخلاق سان پيش اچڻ مون کي مَوهَي وڌو. ان وقت سمجهه ۾ آيو ته واقعي اجان منهنجي سنڌ هر ميدان جا سُورهيه جٽي پيئي. سائين مولانا منظور احمد سومرو صاحب منجهه مون کي ٻنهي قِسمن يعني نيٺ ٻهراڙي واري ۽ شهري شخصيت نظر آئي. سندس گفتگو ۾ به ڪڏهن ٻهراڙيءَ وارا نيٺ سنڌي لفظ ٻڌڻ ۾ آيا ته ڪڏهن وري علمي اصطلاح (Terminology) ٻڌڻ ۾ آئي. سائين جي علمي استعداد جو اندازو ٿيو ته سندس لاءِ منهنجي دل ۾ عظمت اجان به وڌي ويئي. سائين مولانا منظور احمد جي شخصيت پنهنجي

استادن جي علمي استعداد جو امتزاج آهي.

سائين مولانا منظور احمد سومرو جو جنم ڪنڊيارو شهر ۾ عبدالهادي سومرو جي گهر ۾ 1944ع مطابق 1363 هجري ۾ ٿي. مولانا صاحب بچپن کان ئي ذهين هو. پاڻ عمده اخلاق وارو سلڇڻو رهيو. پاڻ قرآن مجيد ناظره قاري غلام علي وٽ پڙهي پورو ڪيائين. اتي ئي 1960ع پنهنجي استاد وٽ حفظ قرآن به مڪمل ڪيائين. وڌيڪ تعليم جي لاءِ امام العصر حضرت مولانا عبدالڪريم قريشيؒ (ٻير شريف) جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي تحصيل علم ۾ جنبي ويو. امام العصر وٽ درسِ نظامي 12 سالن ۾ پڙهائي ويندي هئي پر انهيءَ سان گڏ اهو به فرمان زبان عام هيو ته اگر ڪو ذهين شاگرد هجي ته مان ڪيس ٻارهن سالن جي بجاءِ ستن سالن ۾ پڙهائي عالم بڻائيندس. سائين مولانا منظور احمد سومرو صاحب ڪي قدرت طرفان ذهانت عطا ٿيل هئي ۽ ديني خدمت ونڻ مقدر هئي. پاڻ سائين جن وٽ ستن سالن ۾ ئي درسِ نظامي پڙهي پورو ڪرڻ جو اعزاز پڻ حاصل ڪيائين. سندس دوستن ۽ ڪلاس فيلوز ۾ مولانا عطاءُ الله مگريو (قمبر)، مولانا نثار احمد پتافي، مولانا عبدالقادر بروهي شامل هئا.

تحصيل علم کان پوءِ تدريسي خدمت جي ذميواري جڏهن مٿان آئي ته پاڻ "مدرسه اشرف العلوم" شڪارپور (هن مدرسي ۾ سندس استاد محترم امام العصر حضرت مولانا عبدالڪريم قريشيؒ ٻير شريف وارا به شاگرد ٿي رهيا. اهو هندستان ۽ پاڪستان جي ورهاڱي وارو وقت هيو. 14 آگسٽ 1947ع ۾ جنهن وقت پاڪستان جي آزاديءَ جو اعلان ٿيو هو ته انهيءَ وقت پاڻ انهي مدرسه اشرف العلوم شڪارپور ۾ هئا. اهو وقت هو جڏهن پاڻ سنڌ ۽ ٻين مختلف علائقن ۾ علم تجويد کي عام ڪرڻ جي سعادت ماڻڻ واري استاد حضرت مولانا قاري محمد ڏيرو ميهڙائيؒ وٽ پڙهي رهيا هئا.) پنهنجي استاد محترم جي مادر

علمي ۾ هڪ سال تدريس ڪيائين ۽ وري پليجاڻي ڳوٺ مريد سهاڳ ۾ هڪ سال تائين تدريسي خدمت تي مامور رهيو. ان ڪان بعد ڏگري ۾ اٺ سال مسلسل تدريسي خدمت ڪندو رهيو. انهيءَ کان پوءِ وري پاڻ پنهنجي آبائي زمينون سنڀالڻ جي ارادي واپس ڪنڊيارو اچي رهيو. سُنت ئي دادو وارا ڪجھ معزز گڏجي حضرت مولانا عبدالڪريم قريشيؒ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ اسان کي "مدرسه دارالفيوض المحمديہ" ۾ هڪ قابل عالم سڳوري جي سخت ضرورت آهي جيڪو اسان جي نئين نسل کي ديني تعليم سان گڏ بهترين تربيت سان سَجائي. ان ڳالھ کي ذهن ۾ رکي استاد محترم پنهنجي هونهار شاگرد مولانا منظور احمد سومرو صاحب کي گهرائي حڪم فرمايو تہ توهان دادو وڃي تدريسي خدمت سرانجام ڏيو. پنهنجي عظيم استاد جي حڪم تي لبيڪ چوندي سائين مولانا منظور احمد صاحب اچي دادو جي "مدرسه دارالفيوض المحمديہ" ۾ ديرو ڄمايو. پاڻ هن وقت تائين انهيءَ مدرسه ۾ 30 سالن کان وڌيڪ جو عرصو تدريسي ۽ تربيتي خدمت تي مامور رهي دادو ۽ ان جي آسپاس جي نئين نسل کي علم و ادب سان سينگاريندو ۽ سَجائيندو رهيو آهي. سندس شاگردن جو تعداد تمام گھڻو رهيو آهي. انهن ۾ اڄ جي نوجوانن جي تربيت ۽ تعليم سان گڏ بهترين قيادت جي قابليت بہ قابل ديد آهي. سائين جي ڪجھ مشهور و معروف شاگردن جي فهرست ۾ مولانا محمد انور کوهارو (خيرپور ناٿن شاھ)، مولانا غلام الله چانڊيو (گرڪڻ، ميهڙ)، مولانا عبدالستار چانڊيو (گرڪڻ، ميهڙ)، مولانا عبدالباقي ملاح (ڪوٽڙي)، مولانا عبدالله سولنگي، مولانا طالب حسين (ڏيپارجا، مورو)، مولانا عنايت الله بروهي (خيرپور ناٿن شاھ) ۽ مولانا بحر الله چانڊيو نمايان آهن.

مولانا منظور احمد سومرو صاحب خدمت جي جذبي سان سرشار هستي رهيو آهي. پاڻ تعليمي ميدان مَلهائي مَجتا ماڻي

چڪو آهي، انهيءَ سان گڏ سياسي ميدان ۾ خدمت جي لاءِ ”جميعت علماءِ اسلام“ ۾ شموليت اختيار ڪيائين. پاڻ عوام جي تعليمي ۽ سياسي خدمت دل جي چاهت سان ڪندو رهيو آهي. پاڻ سياسي ميدان جو عظيم رهنما ۽ قائد رهيو آهي. پاڻ جڏهن ڊگري ۾ تدريسي خدمت تي مامور هو ته ان وقت ٿرپارڪر ضلعي جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. وري جڏهن دادو آيو ته پاڻ هن وقت تائين مسلسل بنا مقابلي جي ضلعي امير ٿيندو رهيو.

ايڏي بلند پايا عالم باعمل ۽ قائد سان ويهي ڪجهه گهڙيون گهاريندي مون ڪي ڪنهن به وقت منجهس ڪا وَڏائي يا ڪنهن به قسم جو ڪو بانور نظر نه آيو. ايئن پئي محسوس ٿيو جيئن ڪو پيءُ ويهي پنهنجي پٽ کي سمجهائيندو ۽ سيکاريندو هجي. منهنجي پهرين ملاقات هئي مگر عجيب ڪيفيت اها رهي جو شروع کان آخر تائين ڪنهن به قسم جي ڪا اجنبيت محسوس نه ٿي. ڏاڍو تسليءَ سان گهربل معلومات ونندو رهيس. سائين مولانا منظور احمد جي علمي ادبي قابليت منجهان استفادو ڪندو رهيس. بنا ڪنهن ڄاڻ سُڃاڻ ۽ ملاقاتن جي پهرين ملاقات ۾ ايتري عزت، خاطر تواضع ۽ پيار پاٻوهه ڏسي ماڻهن ۾ موجود هن هستيءَ جي باري ۾ مشهور تعريفي ڪلمات گويا گهٽ محسوس ٿيڻ لڳا. ٻيُن ملاقاتن ۾ آهستي آهستي هڪ قسم جي نسبت پيدا ٿي ويندي آهي ۽ ماڻهو هڪ ٻئي سان مانوس ٿي ويندو آهي. هن بزرگ سان هر بار ملڻ وقت ايئن پئي محسوس ٿيو ڇڻ ته هر دفعي محبت ۽ عزت سوائي مليم. هن بزرگ عالم سڳوري جي عظمت کان متاثر ٿئي بنا رهي نه سگهيم.

سائين مولانا منظور احمد فتوائن ۾ به فائز رهيو آهي. سندس تحرير ڪيل فتوائن جو ايترو گهڻو تعداد آهي جو انهن کي گڏ ڪري هڪ ضخيم ڪتاب مرتب ڪري سگهجي ٿو. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن تي تقريظون ۽ مهاڳ لکيا اٿائين. علم ۽ ادب

جي چاهت سبب علمي مضمون لکي عوام تائين پنهنجي علم کي رسائڻ ۽ تحريري خدمت کي ڪتابن ۽ رسالن ۾ محفوظ ڪري ايندڙ نسل لاءِ بہ مشعل راھ جو ڪردار ادا ڪري چڪو آھي. پاڻ ڪيترائي علمي مضمون لکيا اٿائين جيڪي مختلف رسالن ۽ مئگزينن ۾ ڇپجي چڪا آھن. سندس مضمون علمي ۽ تحقيقي نوعيت جا آھن. سندس فقهي مضمون بہ رسالن ۽ مئگزينن جي زينت بڻيا آھي. سندس لکيل مضمون ماھوار شريعت سکر، ماھوار القاسم ڪوٽڙي، ترجمان اسلام ۽ ماھوار بيداري حيدرآباد ۽ ٻين رسالن ۽ مئگزينن ۾ شايع ٿي چڪا آھن. سندس ھڪ ڪتاب "دعا اور درود" جيڪو اردو زبان ۾ لکيو اٿائين سو بہ ڪافي مشھور ۽ معروف رھيو.

ھن عظيم علمي استعداد ڀريل بزرگ مٿان لکجي تہ ڪئي ڪتاب مرتب ڪري سگھجن ٿا پر سندس ھي مختصر تعارف ۽ پاڻ سان ڪيل ورتاءَ جي سُڌ ڏيڻ تي اڪتفا ڪريان ٿو. اللّٰه رب العزت ھن عظيم بزرگ ۽ ولي اللّٰه جو سايہ شفقت اسان مٿان تادير قائم و دائم رکي. آمين ثم آمين.

سلف صالحين جي نشاني علمي ادبي شخصيت فقيه العصر مولانا مفتي منظور احمد سومرو

مولوي حبيب الله ڏيرو المعروف حبيب حضوري ميهڙ

هن وقت ضلع دادو ته ڇا پر پوري سنڌ اندر ان معيار جو عالم ناهي رهيو. جهڙو علمي قد ڪاٺ مولانا مفتي منظور احمد سومرو جو آهي. مولانا منظور احمد سومرو ڪندياري شريف جي مشهور سومرا برادري جي علمي ادبي گهراڻي جا قابل فخر ۽ قابل عزت فرد آهن. سندن والد گرامي جن پوليس جي محڪمي سان واڳيل هئا. پر مولانا مفتي منظور احمد سومرو صاحب جن ڪي نبوي علم نصيب ۾ لکيل هئو. جنهن جي روشني ۾ حقيقتن کي پروڙڻ لاءِ پري پري جي علائقن جا علمي ادبي عاشق دادو جي دل مدرسه دار الفيوض جو پاسو جهلي علمي اڃ اجهائڻ لاءِ پر پساري ويهي موتي ميڙن ٿا.

پاڻ چئن ته هن بيت وانگر مدرسي کي ئي وطن بنائي درسگاهه سان دل لائي ڪتابن جي دنيا ۾ دفن ٿيڻ جو تهيو ڪري چڪا آهن ۽ پنن کي ئي ڪفن سمجهن ٿا:

درسگاهن سان دل منهنجي مدرسو آ وطن منهنجو
ڪتابن ۾ دفن ٿيندس ورق ٿيندا ڪفن منهنجو

ڇا ته سوچ آهي ڇا ته فڪر آهي ڇا ته فهم آهي ۽ ڇا ته نيت آهي. هن عمر ۾ به درس قرآن درس حديث درس فقه ۽ علم معقولات جي تعليم و تدريس کان پوءِ فتوي ۽ شرعي فيصلا سندن زندگي ۽ روزمره جو معمول بنجي چڪا آهن.

سندن حق گوئي انصاف پسندي ۽ بي باڪي جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته آئون حبيب حضوري قاري خليل احمد بن قاري سعيد احمد ڏيرو ۽ مولانا عبدالجليل ڏيرو جيڪي مڪتبہ اهل حديث سان لاڳاپيل آهن. هڪ فيصلو ڪٽي سائين جن وٽ دادو وياسين ته مدرسہ عربيہ دارالقرآن والحديث راڌڻ روڊ ميهڙ جنهن جو باني قاري محمد ڏيرو جن آهن ان جي گيٽ تي ڪجھ ماڻهن ڦڏو ڪيو آهي ۽ زوري اتان لنگهڻ چاهن ٿا انهن ماڻهن جو تعلق اوهان جي ديوبندي جماعت سان آهي. مهرباني ڪري اوهان فيصلو ڪري فتني کي ختم ڪرايو! مولانا منظور احمد سومرو اسان جي رڪيسٽ قبول ڪئي تاريخ مقرر ڪري ڏني ۽ سرزمين تي اچي فيصلو ڪرڻ جو وقت ڏنو. مقرر تاريخ تي سڄي ضلع دادو جا عالم حافظ ۽ قاري گڏ ٿيا سائين جن ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون غور سان ٻڌيون. بيان قلمبند ڪرايا سرزمين جو معائنو ڪيو ۽ چيو ته آئون ٻن ڏينهن کان پوء لکت ۾ فيصلو جاري ڪندس. پاڻ دادو هليا ويا ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ فيصلو مدرسي جي پيڊ تي لکي موڪليائون جنهن ۾ حق سچ جو اهڙو ته فيصلو ڏنائون جو مدرسي جو تقدس مدرسي جي حرمت ۽ تحفظ بحال رهيو. اهڙي فيصلي تي علائقي اندر سندن حق گوئي جي واڪاڻ ٿيڻ لڳي. هن فيصلي ۾ مولانا عبدالقيوم جوهر بروهي، مولانا عبدالله چانديو، مولانا حافظ مسعود احمد پنهور، مولانا مفتي عبدالواحد چانديو، مولانا عبدالڪريم چانديو،حافظ اظهار الحق صديقي، حافظ علي جان چانديو، مولوي سڪندر علي جانوري ۽ ٻيا موجود هئا.

مولانا منظور احمد سومرو هڪ حق پرست عالم باعمل ۽ جي يو آء ضلع دادو جو صدر پڻ آهي.

هو عرصي دراز کان دادو جيوڻ شاه محلي ۾ قائم ديني اداري مدرسہ عربيہ دارالفيوض دادو ۾ دين متين جي اشاعت ترويج ۽

تدريس ۾ همہ تن مشغول نظر اچن ٿا.سندن ان محنت ۽ استقامت جو اهو نتيجو نڪتو آهي جو سوين شاگرد دين جي دستار بندي ڪري ڪچي توڙي ڪاڇي جي ڏوراهن علائقن ۾ عوام جون ديني گهرجون پوريون ڪري رهيا آهن.

سندن سياسي بصيرت ۽ ڏاهپ سبب جميعة علماء اسلام ضلع دادو اندر پنهنجو جڙون مضبوط ڪري رهي آهي ۽ ضلع دادو جي چئني تعلقن ميهڙ خيرپورناٿن شاه جوهي ۽ دادو ۾ جي يو آء جي بهترين تنظيم ڪاري جي بدولت روز بروز ممبر شپ ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي . اهڙي طرح ضلعي اندر مدارس جو نيٽ ورڪ نظم و نسق بہ اعلي درجي جو وڇايل آهي.

مولانا مفتي منظور احمد سومرو جون علمي ادبي ۽ ديني خدمتون وسارڻ جهڙيون ناهن ديوبندي مڪتب فڪر سان سلهاڙيل هن دور جي عالم باعمل ڪي سنڌ جي تاريخ ۾ سدائين ياد رکيو ويندو.

تاريخ : 22 اپريل 2025

منهنجو محبوب استاد

مولانا شفيق عثماني ميھڙ

استاذ العلماء شيخ الحديث سائين منظور احمد سومرو صاحب جن سنڌ جا واحد عالم دين آهن، جن جي علم عمل کان پرتاثير شخصيت کان ڪير واقف نہ آهي. مون ناچيز جي نظر ۾ سائين منظوراحمد صاحب لاءِ هڪ الڳ مقام آهي، مون سنڌ ۾ اهڙو عالم تاحال نہ ڏٺو نہ ٻڌو آهي، جنهن ۾ هڪ ئي وقت سموريون علمي طاقتون موجود هجن پوءِ اهي ديني علم سان لاڳاپيل هجن يان دنيوي علم سان لاڳاپيل هجن.

پهريون اچون پيا ديني علم ڏي تہ سائين جن جڏهن تفسير بيضاوي، تفسير جلالين، تفسير ڪبير وغيره جو سبق ڏيندا هئا، هڪ هڪ آيت جو بحث ڪلاڪن ۾ هوندو هئو. ۽ سمجهاڻي ايتري تہ سليس آسان هوندي هئي جو عام انسان پيي سمجهيو وڃي. منهجا دلچسپ بحث ۽ سوال سائين کان اهي هوندا، سائين موت کا بعد چا ٿيندو، سائين قبر جسم جي ٿيندي يان روح جي ٿيندي، فنا ۾ ۽ موت ۾ ڪهڙو فرق آهي جديد سائنس ۽ قرآن جو ٽڪراء يان هڪ ٻئي جي مؤقف ڪي مظبوط ڪن ٿا، اهڙا ڪوڙ سارا سوال مون ڪي سائين اهڙي انداز ۾ سمجهايا جو انهنجي شيري هن مهل بہ منهجي دل ۽ دماغ ڪي تازگي ۽ فرحت بخشيندي ٿي رهي تقدير جا بحث وراثت جا بحث مطلب سائين منظور احمد تعليم جي هر فن جو ماهرآ پوء اهو تفسير هجي، حديث هجي، علم ادب هجي، علم منطق هجي، علم فقہ هجي يا علم اصول فقہ هجي، علم صرف ۽ نحو هجي، يا علم ڪلام هجي، دنيوي تعليم ۾ بہ سائين منظور احمد صاحب جو ڪو مٽ ثاني ناهي، علم ميٿ هجي، علم

فلڪيات هجي علم سائنس هجي فزڪس هجي سماجي اپياس هجي هر ميدان ۾ نمبر اول آهي، سائين جي سياسي زندگي به انتهائي شاندار رهي آهي، سماجي زندگي ۾ ته سائين دلين جو فاتح رهيو آهي، معاشي زندگي ۾ سائين قناعت پسند ليڪن سخا ۾ ته سخين جو به سردار رهيو آهي ۽ تنظيمي امورجي ڳالھ ڪجي ته سائين منظوراحمد صاحب ۾ قائدانه صلاحيتون ۽ دعوت. تربيت. اخلاص. جو اهو عالم هوجو تقريبا چاليھ سالن تائين سائين ملڪ جي وڏي ۾ وڏي سياسي مذهبي، ديني تنظيم جمعيت علماء اسلام جا ضلعي امير رهيا، لڳاتار ۽ تا حال به امير آهن، مان ته ائين چوندس الله پاڪ سائين منظور احمد صاحب کي هر نعمت ڪمال عطا ڪئي.استاذ ڪمال جا شاگرد ڪمال جا ديني علم ڪمال دنيوي علم ڪمال سياست ڪمال معاشرتي تعلقات ڪمال جڻڪ سائين منظوراحمد صاحب هڪ يونورسٽي آ جتي هرعلم هر فن سکيو ۽ سيکاريو ٿو وجين هڪ لائبريري آهي، جتي هر علم ۽ هر فن جو ڪتاب دستياب آهي، تجديدي طورتي قديمي طورتي الله پاڪ منهجي محبوب استاذ کي شفا عطافرمائي منهجي استاذ جو شفقت پريو محبت پريو سايو تا دير اسان تي قائم فرمائي آمين.

استاذ العلماءُ مولانا منظور احمد سومرو دامت برڪاتھم سان يادگار ملاقات

مولانا عبد الله سومرو

اسان جي سنڌ کي الله رب العزت وڏين نعمتن سان نوازيو آھي. پوءِ معدني ذخيرا ھجن يا علمي ميدان ھجي. سياسي ميدان ھجي يا تصوف ۽ سلوڪ جو ميدان ھجي ۽ ھر ھڪ ڪان الله تعالي ڪم وٺي رھيو آھي. جن مان ڪي تہ پنھنجي سرگرميءَ ۾ ظاھر ظھور آھن. تہ وري ڪي اھڙا گمنام بہ آھن، جو ساري زندگي پنھنجي خدمات کي لڪائيندا رھيا آھن. پر افسوس ھي آھي تہ انھن جي وفات کان پوءِ ماڻھو سندن خوبيون بيان ڪندا پر زندگيءَ ۾ انھن کان دور ۽ بي قدرا رھندا آھن.

انھن علماء، اھل الله مان حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو بہ ھڪ آھن، جيڪي امام العصر حضرت اقدس حضرت سائين عبد الڪريم ٻير شريف وارن جا خاص شاگرد آھن، جن سڄي زندگي درس ۽ تديس ۾ گذاري ۽ بي تڪلفيءَ جا مجسما آھن.

آئون جڏھن درس نظاميءَ جي ابتدا استاذ العلماء شيخ التفسير حضرت سائين علي محمد حقاني رحہ نور الله مرقده جن وٽ سنڌ جي معروف ۽ قديم ديني مدرسي، مدرسہ دار التوحيد والنسة تفسيريہ لاڙڪاڻي ۾ شروع ڪيم تہ ان وقت کان حضرت سائين منظور احمد سومري صاحب جن جو ذڪر خير تمام گھڻو ٻڌندو ھئس، تہ مون کي سائين جن جي زيارت ڪرڻ شوق ٿيو. پوءِ جلد ئي جمعيت علماء اسلام لاڙڪاڻي ۽ جامعہ اسلاميہ اشاعت القرآن والحديث دودائي روڊ لاڙڪاڻي جي پرگرامن ۾ حضرت سائين

منظور احمد سومري صاحب جن جي زيارت ڪرڻ جو ملندو رهيو. پوءِ جمعيت علماء اسلام جو رڪن بڻيم، ته صوبائي اجلاسن ۾ سائين منظور احمد سومري جن جا سياسي نڪات بيان ٻڌي، تفصيلي ملاقات ڪرڻ جو شوق ويتر وڌي ويو. 1446 ھ جي وفاق المدارس العربيہ پاڪستان جي سالانہ امتحان ۾ بحيثيت نگران اعليٰ جي مدرسہ عربيہ مدينة العلوم دادو ۾ ڊيوٽي لڳي، اتي خيال ٿيو ته جيڪر استاذ العلماء حضرت مولانا منظور احمد سومري صاحب جن سان ملاقات ڪري اچان. مدرسي جو مهتمم مولانا علي اصغر لغاري جيڪي مولانا سائين منظور احمد سومري صاحب جن جا شاگرد آهن، ساڻس گڏجي سائين منظور احمد سومري صاحب جن سان ملاقات ڪيم، سائين جن کي الله تعاليٰ هر لحاظ کان نوازيو آهي، پاڻ علم جا بحر بي ڪنار، وسيع مطالع جا صاحب، قوت ڪلاميءَ ۾ يگانہ روزگار، معقولات توڙي منقولات جا ڏاڍي، تحرير ۽ تقرير جا بي مثال عالم دين جنهن بہ موضوع تي لکڻ يا ڳالهائن تہ ان جو ڪو بہ رخ نہ ڇڏين. اهڙو برجستو عالم دادوءَ جهڙي شهر ۾ علم جي شمع روشن ڪيون وينو آهي، سندن فيض پوري ملڪ چا پر ملڪ کان ٻاهر پکڙيل آهي، سندن شاگردن جو شمار ڳڻپ کان مٿي آهي.

ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه اچي بوءِ بهار جي!

محمد عرفان عباسي

ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه، اچي بوءِ بهار جي

سنڌ هميشه اولياءِ، پيرن، درويش، دردمندن، فقيرن، فقرائن، قلندرن، عالمن ۽ علمائن، مخدومن ۽ محدثن، اهل فڪر ۽ اهل علم، فاضلن ۽ فياضن جي ڌرتي رهي آهي. جن پنهنجي ڪردار ۽ عمل سان پاڻ پئي مڃرايو آهي. حضرت مولانا منظور احمد بن حاجي عبدالهادي سومري جو شمار به اهڙن سدا ملوڪ شخصيتن ۾ ٿئي ٿو. جڏهن هلڻ ڦرڻ جهڙا ٿيا ته پنهنجي ارد گرد قرآن. قرآني تعليم. مدرسا ۽ مسجدون ڏٺائين. دستور مطابق سنڌس تعليم ۽ تربيت خالص اسلامي اصولن ۽ تعليمات تحت ٿي. خوش قسمتيءَ سان ان دؤر ۾ سنڌ جو درويش صفت. مدبر. مفڪر. ولي ڪامل ۽ اهل علم عالم دين حضرت سائين عبدالڪريم قريشي ٻير وارا جيڪي پڙڪيل انسانن جي رهنمائي ۽ اصلاح ڪرڻ لاءِ موجود هئا. حضرت سائين عبدالڪريم قريشي ٻير واري جو علمي ۽ روحاني مقام تمام گهڻو مٿانهون هو. پوري ملڪ مان جوق در جوق ماڻهن جا قافلا سندن خدمت عالي ۾ ايندا رهندا هئا ۽ پاڻ دين حق جو پيغام ۽ روحاني فيض جي سمنڊ مان هر ڪنهن لاءِ واهر وهائي ڇڏڻ ۾ اڳرا هئا. غير اسلامي عقيدن. رسمن ۽ بدعتن کان مخلوق خدا کي نجات ڏيارئائون. پاڻ وڏا موحد ۽ توحيد پرست عالم هئا. هن اهل علم ۽ روحاني بزرگ جي شاگرديءَ جو شرف سائين منظور احمد سومري صاحب کي حاصل ٿيو ۽ يقيناً اهڙي بزرگ شخصيت جو اثر مولانا منظور احمد سومري صاحب تي

پوڙهو هو. جنهن ۾ ڪو به شڪ ناهي ته هن وقت سنڌ جي اهل علم شخصيتن ۽ روحاني شخصيتن ۾ سائين منظور احمد سومري صاحب جو نالو پڻ سر فهرست آهي. مان جڏهن جامعه اشرفيه سکر پڙهڻ ويس ته ان وقت جامعه ۾ موجود جميعت طلباءِ السلام ۾ پڻ شامل ٿيس ان وقت جڏهن اسان مدرسي منزل گاهه سکر وارن طلبا سان ملي ڪري جيڪي نوجوانن لاءِ تربيتي پروگرام ڪرائيندا رهندا هئاسين ان دوران سائين سان منهنجون ملاقاتون رهيون ۽ پڻ ڪجهه سکندا رهياسين.

سائين منظور احمد سومري صاحب پنهنجي جدوجهد. علمي لياقت ۽ بصيرت سبب پنهنجي مڃتا ماڻي ورتو آهي. سائين جي علميت ان جي گفتگو مان نمايان نظر ايندي آهي. سائين جي ڳالهه پراثر ۽ لفظن ۾ جادو اٿن. هر عمر جي ماڻهوءَ سان ان جي سمجهه مطابق ڳالهائيندا آهن.

بهرحال مولانا منظور احمد سومرو صاحب نه صرف سنڌ بلڪ پوري پاڪستان جو پر عزم. جاکوڙي. وڏا اهل علم ۽ روحاني شخصيت آهن. سائين جن لاءِ دعاگو آهيان ته الله تعالي سائين کي اجان وڏي ڄمار عطاء فرمائي ته جيئن سنڌ واسي سائين کان ڪجهه پرائي سگهن.

هدايت جو ڏيئو

مسعود أحمد سومرو (مدهوش)

الحمد لله الذی جعل العلماء ورثة الأنبياء، ورفع درجاتهم فی الدارين، وخصهم بالفهم والبصيرة، أما بعد:

حضرت سائين مفتي منظور سومرو حفظہ الله، نہ رڳو دادو جو هڪ جليل القدر عالم ۽ متبع سنت داعي آهي، بلڪ هو "مِصباحُ الهُدىٰ" (هدايت جو ڏيئو) ۽ "مِرآتُ العلمِ والعملِ" (علم ۽ عمل جو عڪس) آهي.

"العلم نور" جي سچي تصوير جيڪڏهن ڪنهن شخصيت ۾ نظر اچي ٿي، تہ اها مولانا جي ذاتِ گرامي آهي. سندن درس ۾ "القرآنُ حُجّةٌ لك أو عليك" جو عڪس نظر ايندو آهي — يعني قرآن سندن زبان تي نہ رڳو علم، پر هدايت، بصيرت ۽ خشيت سان جاري هوندو آهي.

منهنجي لاءِ شخصي طور تي مفتر صاحب جن جي مجلس "مجلسُ العارفين" وانگر لڳي ٿي، جتي دل بہ مطمئن ٿيندي آهي ۽ ذهن بہ روشن. سندن اندازِ گفتگو "قولاً سديدًا" وانگر هوندو آهي — سڌو، صاف، مؤثر.

الله رب العزت کان دعاگو آهيان: اللهم بارك فی عمره وعلمه، وانفع به البلاد والعباد، واجعلنا من الذين يستمعون القول فيتبعون أحسنه.

سائين منظور احمد سومرو انقلابي شخصيت

مفتي محمد رحيم فاروقي ميهڙ

ضلع دادو ۾ انقلاب ڪيئن آيو، انهي انقلاب راز هڪ انقلابي تحريڪ جو ڪاروان سپاه سالار جنهن جي دل ۽ دماغ ۾ ٻير شريف کان حضرت سائين عبدالڪريم قريشي جيڪا ضياء جي خلاف تحريڪ هلائي انهي تحريڪ جا روح روان انقلابي سپاه سالار حضرت سائين منظور احمد سومرو صاحب هيا جڏهن انهي تازي انقلاب سان گڏ و گڏ دادو ۾ آيا دادو کي انقلاب سان جاڳائيون جڏهن دادو ظلم ۽ جبر جي سياست ۾ هوئي انهي جبر جي سياست سان ڪير بہ مقابلہ ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ هو.

واحد حضرت سائين منظور احمد سومرو صاحب جنهن جمعيت جي ڪارڪن کي منظم ڪري هڪ جبر ۽ ظلم جي سياست سان مقابلي جي لاءِ تيار ڪيو ويو اڄ جمعيت جي هر ڪارڪن جي دل ۽ دماغ ۾ جيڪو انقلاب جو روح ڦوڪيل آهي انجو بنياد حضرت سائين منظور احمد سومرو صاحب جن آهن ڪو زمانو هيو جڏهن ڪارڪنن کي اسٽبليشمينٽ يا وري ڪنهن وڏيري جو خوف حراس هوندو هيو جڏهن سائين منظور احمد سومرو صاحب جلسن ۾ ۽ جلوسن يان وري اجلاسن ۾ انقلابي تقريرون ڪري ڪارڪن مان وڏيري جي يا ٻئي ڪنهن قوتن جي خوف حراس کي ختم ڪري ڇڏيو.

اڄ هر ڪارڪن ۾ سائين منظور احمد سومرو صاحب جن جو انقلابي روح ڦوڪيل آهي جو ڪارڪن هر ميدان ۾ وڏن قوتن کي ۽ سامراج نظام کي للڪاري رهيو آهي.

حضرت سائين منظور احمد سومرو صاحب جن جا 2 جان نثار

ساتي هڪ علمي ميدان ۾ درس تدريس جي ميدان ۾ دادو کي مهڪائيو حضرت سائين نواز الله الحسني صاحب اهن ٻيو تحريڪ انقلاب جا ساتي حضرت سائين حبيب الرحمن ملڪاڻي صاحب جنهن دادو جي اندر انقلابي تقريرون ڪري ڪارڪن ۾ جوش ۽ جزبہ پيدا ڪري ڪارڪن دادو کي انقلابي نارن سان گونجائي ڇڏيو آهي هي حضرت سائين منظور احمد سومرو صاحب جن جون انقلاب جون سدائون قيامت تائين انشاء الله هلنديون رهنديون الله سائين حضرت سائين جن جي عمر ۾ صحت ۾ علم ۾ برڪتون عطاء فرمائي آمين.

سنڌ جو برک ۽ ڏاهو عالم حضرت مولانا سائين مفتي منظور احمد سومرو صاحب

قاري امير عمر چام شورو

پاڻ علم و ادب جا پاندار، سندن ڏسڻ سان ئي ڏاهپ نظر اچي ٿي. امام العصر حضرت مولانا سائين عبدالڪريم قريشي ٻير شريف رح جا قديمي ۽ مايہ ناز شاگرد آهن.

1960ء ۾ سائين جن ٻير شريف پڙهڻ لاءِ ويا ۽ سندن جي دستار بندي 1968 ۾ ٿي. تفسير قرآن، علم ڪلام ۽ فلسفي سان گڏ موجوده دور جا پاڻ وڏا محدث بہ آهن. علوم عقليہ ۾ ڪين ڪمال مهارت تامہ حاصل آهي. سن 2021 ۾ اسان ڪجھ دوست سائين جن جي خدمت ۾ حاضر ٿياسين

پاڻ فرمايائون تہ درس قرآن ڏيڻ لاءِ ڪهڙي تفسير جو مطالعو ڪندا آهيو؟

اسان عرض ڪيو سون تہ سائين! مفتي محمد شفيع رح جو لڪيل معارف القرآن.

تنهن تي حضرت سائين جن فرمايو: توهان جيڪڏهن پنهنجي درس کي عوام ۾ مقبول ڪرڻ چاهيو ٿا تہ اڙدو ۾ مولانا محمد ادريس ڪانڌلوي جو تفسير معارف القرآن ۽ عربي ۾ علامہ قرطبي جو تفسير ۽ علامہ رازي جي ڪبير جو مطالعو ڪريو.

سائين جن کان سوال ڪيو ويو تہ استويٰ علي العرش جو مطلب ڇا آهي؟

پاڻ فرمايائون تہ استويٰ جي معني ڇا آهي؟

ائين ڪري پاڻ مخاطب تي فرمائڻ لڳا تہ الله تعاليٰ جي بي

شمار صفتن منجهان صرف ٻہ صفتون زير بحث آيون آهن. انهن مان پهرين صفتِ ڪلام زير بحث آئي آهي، پوءِ صفت استويٰ علي العرش زير بحث آئي آهي، هاڻي دنيا ۾ ڪلام جي صفت جو بحث ختم ٿي ويو آهي. دنيا ۾ ڪٿي بہ صفتِ ڪلام مطلب تہ هي قرآن مخلوق آهي يا غير مخلوق آهي؟ حادث آهي يا قديم آهي؟ جو بحث نہ آهي. هن وقت جيڪو سڄي دنيا ۾ سلفين (غيرمقلدين، فرقه اهل حديث) هنگامو ڪڙو ڪيو آهي. اهو استويٰ علي العرش جو مسئلو آهي

الرحمٰن علي العرش استويٰ

ترجمو: اهو وڏو مهربان عرش نشين ٿيو.

جئين چوندا آهن تہ فلاڻو بادشاهہ مري ويو. هاڻي تخت نشين ڪير آهي؟

چئبو آهي تہ فلاڻو آهي.

عرش جي معنيٰ تخت جي آهي. قرآن مجيد ۾ ستن جاين تي آيو آهي تہ الله تعاليٰ تخت نشين ٿيو. انهيءَ جو سياق و سباق ڇا آهي؟ انهيءَ کان پهريان بہ ڪو ڪلام هوندو آهي ۽ انهيءَ کان بعد بہ ڪو ڪلام هوندو آهي، سياق و سباق کي ڏسي ڪري ڪلام کي سمجهيو ويندو آهي.

سورة يونس جي پهرين رڪوع ۾ فرمايائين: وهوالذي خلق السموات والارض في ستة ايام ثم استوي علي العرش يدبرالامر

مفهوم: الله اُهو ئي آهي، جنهن زمين ۽ آسمان کي ڇهن دورن ۾ پيدا ڪيو آهي. (هي ڏينهن قيامت جو ڏينهن آهي، دنيا جو ڏينهن نہ آهي. انهيءَ لاءِ مان لفظ دور استعمال ڪيو آهي) پوءِ الله عرش نشين ٿيو. زمين ۽ آسمان پوري ڪائنات جو انتظام الله خود فرمائي رهيو آهي. تخت نشين اهو آهي، جيڪو پوري ڪائنات جي انتظام کي اهو خود سنڀالي رهيو آهي.

هن آيت ۾ الله تعاليٰ هندن، مشرڪن جو رد ڪيو آهي،

چاڪاڻ ته انهن مختلف شعبہ ٺاهيا آهن. مثلاً بارش جو خدا هي آهي، هوا جو خدا هي آهي صحت جو خدا هي آهي، دولت جو خدا هي آهي، وغيره

مشرڪين مڪہ بہ اهو چوندا هئا تہ هڪ بادشاهہ هڪڙي بادشاهي نہ ٿو هلائي سگهي

تہ الله هيڏي وڏي ڪائنات جي انتظامات ڪي ڪئين هلائي سگهندو.

مشرڪين مڪہ بہ مختلف شعبہ ٺاهي، هر هڪ جو الڳ خدا بڻائي، انهن کي ڪم سونپي ڇڏيا هئا.

خدا تعالي جڳهہ جڳهہ انهن جي ترديد ڪري ٿو

تہ الله زمين ۽ آسمان کي ڇهن ڏينهن ۾ ٺاهي

پوءِ ڪي بہ انتظامي معاملات ڪنهن کي نہ سونپيائين

بلڪہ اهو خود عرش نشين ٿيو آهي.

اُهو ئي معاملاتي انتظام فرمائي رهيو آهي.

عرش تي ويهڻ، ۽ ڄمي ڪري ويهڻ، عرش نشين ٿيڻ، اها الله جي صفت آهي.

باقي الله جي ذات هر جڳهہ تي آهي.

سياسي امور ۾ تمام گهڻي مهارت ٿا رکن.

ملڪي، قومي، علاقائي مسائل کي حل ڪرڻ سائينجن جي سڄي هٿ جو کيل چئجي.

جمعيت علماءِ اسلام جي پليٽ فارم تان مفتي محمود رح جي قيادت ۾ سياست جو سفر شروع ڪيائون.

جڏهن اجان طالب العلم هيا تہ پير شريف ۾ وڏو جلسو ڪوٺايو ويو هو.

جنهن جا مهمان خاص مفتي محمود رح جن هئا.

سندن جي استاد امام العصر حضرت سائين عبدالڪريم قريشي صاحب رح فرمايو...

منظور احمد, توهان وجي مفتي محمود صاحب کي سکر ايئرپورٽ تان وٺي اچو.

سائينجن مفتي محمود رح کي سکر مان ساڻ ڪري جڏهن نئين ديري جي ويجها پهتا تہ مفتي صاحب فرمايو: بھائی مجھے چائے کی ضرورت ہے، چائے پینی ہے۔

سائين جن اهو واقعو ٻڌائيندي فرمايو تہ ان وقت پيٽي جي حڪومت هئي. ۽ اهي علائقا پي پي جا ڳڙه هيا. نئين ديري ۾ اسان جو هڪڙو جماعتي هيو. سوچيم هوٽل واري کي چانهہ چئي ان کي سڏ ڪري وٺندس. متان پي پي جا ڇوڪرا مفتي صاحب کي ڏسي بد تميزي ڪن.

مان هوٽل تي پهتم چانهہ چيم واپس ڏسان تہ مفتي صاحب جي گاڏي جي آس پاس گهڻا نوجوان ڪٺ ٿي ويا هئا. مان گاڏي جي ويجهو اچي ڏٺم تہ مفتي صاحب سنجيدگي سان سوالن جا جواب پئي ڏنا. تنهن کان پوءِ چانهہ پي روانہ ٿياسون.

سائين جن 1968 ۾ درس نظامي مڪمل ڪرڻ کان بعد هڪ سال مدرسه اشرفيه شڪارپور تدريس فرمايائون.

1970ع ۾ مولانا علامہ غلام مصطفي قاسمي صاحب رح جي چوڻ تي پليجاڻي (ضلعي حيدرآباد) ۾ پڙهائڻ ويا.

فرمايائون: مان اتي پليجاڻي مدرسي ۾ ويس تہ طالبن جي هڪڙي جماعت هدايه پئي پڙهي, پر ڏاڍي ڪمزور هئي.

مان چيومانِ تہ توهان همٿ ڪريو. هڪ سال توهان جو ويندو, باقي توهان کي صرف کان هدايه تائين ڪتاب ڪيرائيبا.

پوءِ ائين ئي ٿيو. سائين انهن طالبن کي نئين سنئين هدايه تائين پهچائي پڪو ڪيائون.

پاڻ پليجاڻي ۾ 2 سال رهيا.

وري 1972 مولانا علامہ غلام مصطفي قاسمي صاحب رح جي

حڪم تي ڊگهڙي (ضلعي ميرپورخاص) ۾ مير محمدحيات ٽالپر جي مدرسي پڙهائڻ ويا.

انهن ئي ڏينهن ۾ ڊگهڙي ۾ جمعيت جي ڪنهن معاملي ۾ انتشار ٿي پيو. (اجان جمعيت جو دستور ائين عام ڇپيل نہ هو)

هڪڙو گروپ چئي تہ اسان جمعيتي پاليسين جي موافق آهيون. تہ وري ٻيا چون تہ اسان جمعيتي پاليسين تي عمل پيرا آهيون.

تڏهن سائينجن مفتي محمود رح کي خط لکي ڪين معاملي جي آگاهي ڏنائون. مفتي صاحب سندن جي خط جي جواب ۾ تفصيلي جواب مرحمت فرمايو. سائيجن فريقين کي اهو خط پڙهي ٻڌايو. تڏهن فريقين جماعتي ڪم کي متفق ٿي ڪرڻ جو عزم فرمايو.

پاڻ فرمائين پيا تہ: هڪ دفعي اليڪشن ۾ مير صاحب وارا پيپلا هجڻ ڪري پ پ جي ورڪ پيا ڪن.

تہ مان وري پ پ جي مخالفت ۾ جي يو آءِ جي ورڪ ڪيان پيو.

جمعي جي بيان ۾ مير محمدحيات ٽالپر جي سامهون جمعيت جي اميدوار جي تائيد ۽ حمايت پڻ ڪئي.

مير محمدحيات ٽالپر وارا پي پي جا جيالا هئا. انهيءَ جي باوجود سائين جن مسلسل 8 سال اتي رهيا.

جنهن کان پوءِ سائين جن جو خيال ٿيو تہ مدرسو ڇڏي اچي پنهجي زمينداري ڪجي.

اها خبر جڏهن سائين جن ٻير وارن کي پئي. (انهن ڏينهن ۾ دادو مان هڪ جماعت سائين ٻير وارن وٽ آئي هئي ته اسان کي هڪ سني استاد جي ضرورت آهي) تہ سائين جن ٻير وارن ان جماعت کي حضرت مولانا سائين مفتي منظور احمد سومرو صاحب لاءِ خط لکي ڏنو.

جنهن ۾ سائين ٻير وارن سائين مفتي منظور احمد سومرو

صاحب کي حڪم ڪيو تہ اوهان زميندار ي چڏي دادو ۾ هن جماعت جو مدرسو سنڀاليو.

1978۾ مولانا سائين مفتي منظور سومرو صاحب دادو ۾ مدرسه دارالفيوض سنڀاليو.

لڳ ڀڳ 50 سال گذرڻ بعد بہ اڄ تائين سائين جن ان مدرسي جا مهتمم آهن.

هن وقت سائينجن مرڪزي مجلس شوريٰ جي ميمبر هجڻ سان گڏ صوبائي نائب امير آهن. ۽ اندازن 1982 کان وٺي تا حال ضلع دادو جا امير آهن.

حضرت مولانا فضل الرحمان صاحب سان سندن جا دوستي جي حد تائين تعلقات آهن.

قومي، صوبائي، علاقائي مسائل تي سگهارو آواز بلند ڪرڻ سائينجن جو اهم خاصو رهيو آ.

ايم آر ڊي جي تحريڪ هجي يا ڪالاباغ ڊيم جي خلاف تحريڪ, پاڻ سدائين اڳيرا رهيا.

ڪالاباغ ڊيم جي ناجائز هجڻ جي پهرين شرعي فتويٰ ۾ بہ سندن جو ڪردار آهي. جنهن مطابق تہ

”پاڻي تي پهريون حق پڇڙي وارن جو آهي. جيڪڏهن پڇڙي وارن جو پاڻي پورو آهي, تہ پوءِ منڍ وارا پاڻي ۾ تصرف ڪري سگهن ٿا. ورنہ... منڍ وارن جو تصرف ناجائز آ“ (البحرالرائق، هداية)

فرمايائون تہ سنڌ سُڪي ٿي پئي، سنڌ جون ٻنيون ٻنجر ٿيڻجي ويون ۽ پنجاب وري ڪالاباغ ڊيم پيو ٺاهي.

فقيہ العصر حضرت مولانا محمد مراد هاليجوي، حضرت مولانا عبدالرحمن جمالي ۽ سنڌ جي ٻين سوين عالمن کي گڏ ڪٽي ڪالاباغ ڊيم کي شرعي طور تي ناجائز قرار ڏيڻ وارو سنڌ جو يگانو مفتي حضرت مولانا سائين مفتي منظور احمد سومرو صاحب جن آهن.

فقيہ العصر حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جن شخصيت بابت تاثرات

مولانا جميل حسين ابوپوٽو

انسانن جي تاريخ ۾ ڪي اهڙا عظمت وارا انسان هوندا آهن، جيڪي رڳو علم جا آفتاب نہ هوندا آهن، پر اخلاق، عمل، حلم، تدبر ۽ روحانيت جا ستارا بہ هوندا آهن. اهڙن ئي شخصيتن مان هڪ نالي وارو نالو، فخرِ سنڌ، زينتِ دادو، حضرت مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جو آهي، جيڪي پنهنجي ذات ۾ هڪ مڪمل انجمن آهن.

علمي سفر ۽ فقهي بصيرت

مولانا سائين منظور احمد سومرو صاحب جو علمي پس منظر نهايت مضبوط، عميق ۽ متنوع آهي. پاڻ ديني علمن ۾ اعليٰ پايہ جا مجتهد، فقيہ ۽ مدرس آهن. فقہ ۽ فتويٰ تي سندن گرفت مضبوط ۽ بصيرت پري آهي. ديني مسئلن ۾ سندن راءِ هميشہ دليل، اعتدال ۽ حڪمت تي مبني هوندي آهي، جيڪا عام ماڻهن کان وٺي خواص تائين مقبول آهي.

حالاتِ حاضره تي نظر

مولانا صاحب رڳو روايتي علمن ۾ نہ پر جديد دور جي مسئلن، چئلينجن، فتنن ۽ فڪرن تي بہ گهري نظر رکن ٿا. پاڻ جديد علمي ۽ سماجي سوالن جو شرعي ۽ فڪري حل پيش ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو سندن خطاب، بيان، لکڻيون ۽ فتويٰ نہ رڳو عوام بلڪ علماء ڪرام لاءِ بہ مشعلِ راه آهن.

روحاني اثر ۽ فيض

سائين منظور احمد سومرو صاحب جي صحبت، علم، گفتگو ۽ اندازِ زندگي شاگردن جي شخصيت سنوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. سندن اکين ۾ بصيرت، دل ۾ دردِ امت، زبان تي علم، ۽ مزاج ۾ انڪساري آهي. سندن درسگاه علمي سنگت سان گڏ روحاني تربيت جو مرڪز بہ آهي، جتان صدين تائين فيض وٺندڙ شاگرد پيدا ٿيندا رهندا.

علم جو عالمي ڦهلاءُ

مولانا صاحب جو علمي نور دادو، سنڌ ۽ پاڪستان تائين محدود نہ رهيو، بلڪ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکيڙجي چڪو آهي. شاگردن، متوسلن ۽ عقيدتمندن جو هڪ وڏو حلقو ملڪ کان ٻاهر بہ موجود آهي، جيڪي سندن علم، فڪر ۽ سُڪين وڻندڙ ڳالهين سان متاثر آهن.

سائين منظور احمد سومرو صاحب هڪ شخص نہ، بلڪ هڪ دور، هڪ فڪر، ۽ هڪ فڪر ساز ادارو آهن. سندن زندگيءَ مان محبت، علم، اخلاص، ۽ خدمت جو سبق ملي ٿو. اڄ جي دور ۾ اهڙيون شخصيتون قومن لاءِ رحمت ۽ هدايت جو مينار آهن. الله پاڪ سائين کي صحت، عمر ۽ علم ۾ برڪت عطا فرمائي، ۽ اسان کي سندن علم مان لاڀيتو فيض حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، آمين

هڪ شخص محترم آ

شاعر اسلام مولانا جوهر بروهي فريد آباد

هڪ شخص محترم آ، دل ڏرتي جنهن سنواري
"منظور" آهي سائين، اونداهه جنهن اُجاري

درگاهه ٻير منجهان عرفان آ پرايو
منطق ۽ فلسفي سان، هُن زندگي گذاري

ڏينهن رات هُن پڙهايو، تيو درس پڻ نرالو
هِن دور جو آ مفتي، مجلس سندس پياري

قرآن سان محبت، دل آ حديث نبوي
سهڻا اصول جوڙي، دادو ۾ لاٿ ٻاري

اقرءَ سکڻ جي خاطر، آيا وٽس هزارين
حرفن جي خوشبو بخشي، آندي هتي بهاري

منقول جو به صاحب، معقول جو به ماهر
ڪنهن جي دُعا انهي لئه، ٿي آهي فيض واري

علماء حق جو آهي هر دم دعاگو "جوهر"
قرآن جو پڙهائي، تيو خير ان جو جاري